# سنڌي لوڪ گيت- ٻوليءَ جي اوسر

ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدواڻي

سهيڙيندڙ
**ڊاڪٽر چارو پرسو گدواڻي**

سنڌي لپيءَ ۾ آڻيندڙ
**پارسا رضوي**

**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي**
**حيدرآباد، سنڌ**



2010ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (144)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


# سنڌي لوڪ گيت- ٻوليءَ جي اوسر

| | |
|---|---|
| ليکڪ: | ڊاڪٽر پرسو.جي گدواڻي |
| سهيڙيندڙ: | ڊاڪٽر چارو پرسو گدواڻي |
| سنڌي لپيءَ ۾ آڻيندڙ: | پارسا رضوي |
| ڇاپو پهريون: | 2010ع |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | =/80 روپيا |

**Catalogue Reference**
Dr. Parso. J. Gidwani
Parsa Rizvi
Sindhi Lok Geet(Boli-a-Ji Osar)
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-44-4

Sindhi Lok Geet (Boli-a-Ji Osar)

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Parso J. Gidwani |
| Compiled By: | Dr. Charu Parso Gidwani |
| Transliteration: | Parsa Rizwi |
| First Edition: | 2010 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs.80/= |
| Composed by: | Parsa Rizwi & Irfan Ali Laghari |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Printed by: | Pakeeza printers, Hyderabad. Sindh |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |

---

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.




# پيش لفظ

آگسٽ 1947ع ۾ اهڙو وقت جو طوفان لڳو جو هڪ وڻ پنهنجي پاڙن مان اکڙي ويو . ان وڻ جا گل، ٻوٽا ۽ شاخون ٽڙي پکڙي ويا. اڄ بہ ان وڻ جا ڪيترائي اهڙا ساوا پن آهن، جيڪي بنا پاڙن جي آواره پنهنجي مٽيءَ جو سُور ڪٽي پٽڪي رهيا آهن. اهو وقت جو طوفان هو نٺيڊي ڪنڊ جو ورهاڱو ۽ اهو وڻ هو سنڌي سماج جي هڪ حصي جو سنڌي وڇيون طبقو.اڄ ان وڻ جي تهذيب، ادب ۽ فن جڙن کان ڪٽيل ڪٽيل لڳن ٿا.

منهنجو والد ڊاڪٽر پرسو جيسارام گِدواڻي ان وڻ جو هڪ گل هو، جنهن جا هن ڪتاب ۾ ڇپيل لفظ، ان وڻ جي ۽ ان مٽيءَ جي خوشبوءِ جو احساس ڏيارين ٿا. مون جهڙن گهٽن ئي پنن کي اهي لفظ پنهنجي پاڙن سان ڳنڍجڻ جو موقعو ڏين ٿا. اُن ئي اميد سان پنهنجي پيءُ جي محنت، ان جو پنهنجي مٽيءَ سان پيار ۽ سندس لفظن مان چلڪندڙ سچائيءَ کي اوهان جي دلين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ائين ڪرڻ ۾ ڪٿي بہ ڪا غلطي ٿي وئي هجي تہ ان جي لاءِ مان ۽ فقط مان ذميوار آهيان. جيڪڏهن اڄ بابا هجي ها تہ منهنجي مَن جا هي شڪ شُبها هنن ڪاغذن تي نہ لهن ها. مون پنهنجي طرفان انهن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مگر بابا جي علم ۽ ڄاڻ جي اڳيان منهنجون ڪوششون ڦڪيون آهن.

هنن لوڪ گيتن جي متن دؤران ”منهنجو“، مان ۽ ”مون“

جهڙن استعمال ٿيل لفظن مان مراد منهنجو والد ڊاڪٽر پرسوگدواڻي آهي. ان جي هن ڪم ۾ منهنجو يوگدان/حصو (Contribution) نہ هجڻ برابر آهي. بابا سائين پنهنجي ڪيل ڪم جا ڪوڙ سارا مسودا پوئتان ڇڏي ويو آهي. بابا کي ڪجھ نہ ڪجھ ڏيڻ تمام سهڻي نموني ايندو هو. سندس مسودن کي شايع ڪرڻ جي ڪم ۾ هميشہ مون کي سندس اسڪالر شپ (علميت) جو خيال تہ ايندو ئي آهي، پر گڏوگڏ ذهن ۾ هڪڙي ڳالھ اها بہ ايندي آهي تہ هو پنهنجي هر ڪم ذريعي اڳيان ٿيڻ وارن ڪمن لاءِ بہ رستو ڏيکاري ويو آهي. ان جو خيال اوهان کي بہ هي ڪتاب پڙهڻ وقت يقيناً ايندو تہ، اجا بہ سنڌ جي تهذيب تي ڪيترو ڪم ٿي سگهي ٿو جنهن طرف هو اشارو ڪري ويو آهي.

ڊاڪٽر چارو پرسوگدواڻي



## ڊاڪٽر پرسو. جي. گدواڻي: تعارف

سنڌ جي شهر دادوءَ ۾، 13 آگسٽ 1937ع تي جنم وٺندڙ ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدواڻي، ورهاڱي وقت چوٿون درجو سنڌي، دادوءَ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هو. هن 1947ع ۾ برصغير جي ورهاڱي بعد ڀارت ۾ ڪئمپن جي مشڪل حالتن مان گذرندي، نہ رڳو گذر معاش جا وسيلا تلاش ڪيا، پر پنهنجي تعليم بہ جاري رکي. هن دهلي يونيورسٽيءَ مان 1962ع ۾ هنديءَ ۾ ايم. اي ڪئي ۽ 1966ع ۾ ساگر يونيورسٽيءَ مان هنديءَ ۾ پي. ايڇ. ڊيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو:

A Comparative Study of Hindi and Sindhi Sufi Poets

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، پوني يونيورسٽيءَ مان 1971ع ۾ ايم. اي لسانيات ۾ ڪئي ۽ پوني جي ئي ڊيڪن ڪاليج ۾ 1971ع کان 1986ع تائين لسانيات جو ليڪچرر رهيو ۽ 1986ع کان ڊيڪن ڪاليج پوسٽ گرئجوئيٽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ ريڊر ٿيو، جتان جولاءِ 1996ع ۾ رٽائر ٿيو.هتي ملازمت دوران هن سنڌي_انگريزي ڊڪشنريءَ جي Etymology تيار ڪري ڏني، پر بدقسمتيءَ سان اها ڊڪشنري اجا تائين شايع نہ ٿي سگهي آهي. اميد آهي تہ ڊيڪِن ڪاليج جي انتظاميہ سندس ٽيهن (30) سالن جي محنت کي ترت ساپيا جو روپ ڏيندي.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب ۽ تهذيب لاءِ تمام وڏي ڪوجنا ۽ خدمت اها آهي تہ هُن ڪڇ (گجرات) جي ٻني علائقي مان اهڙن سنڌي رهاڪن (ڪولهين، واڍن، ميگهواڙن، ميراثين، ٺڪرن/ سوڍن، ڀيلن، ٿيٻن، متون ۽ ٻين ذاتين سان واسطو رکندڙن) کي ڳولي لڌو جيڪي صدين کان اتي آباد هئا ۽ سندن ڳالھ

ٻولھ جي زبان سنڌي ۾ ان جا لھجا ھئا.

سنڌ جي مٽيءَ سان دلي چڪ ۾ سڪ رکندڙ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، نئين دھلي (ڀارت) جي سَنجي ڪالونيءَ جي "ڀاٽي مائينس" ۾ سنڌين جي اوڏ ذات جي ماڻھن تي بہ کوجنا ڪئي آھي ۽ وٽن موجود سنڌي لوڪ ادب تي ھن ليک لکيا آھن.

يُو.جِي. سِي جي لغت نويسيءَ (Lexicography) جي ڪيترن ورڪشاپن ۾، ڊاڪٽر گدواڻيءَ Resource Person جي حيثيت سان حصو ورتو. ان کان سواءِ سنڌي اڪيڊمي دھليءَ ۽ ساڌو ٽي. ايل واسواڻي ٽرسٽ پاران سنڌي استادن جي تربيتي ڪورس 'Let's Learn Sindhi' ۾ بہ سندس وڏو ڪردار رھيو آھي. ھن جا ڪيترائي ريسرچ پيپر ۽ ڪتاب سنڌيءَ توڙي انگريزيءَ ۾ چڱي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آھن.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي ادبي پورھئي جو ڪجھ تفصيل ھيٺ ڏجي ٿو:

(1) شاھ جو شعر (1973ع)، (2) سنڌيءَ جا ٽيھ سال (1979ع)، (3) سنڌي ٻوليءَ جي زيارت (1989ع)، (4) ڳيچ / ڳيجھ (1990ع)، (5) ڳُجھارتون: لالجي ھمٿوجي سوٿھڙ سان گڏ لکيل (1990ع)، (6)سنڌي لوڪ ورثو (1992ع)، (7) اچو تہ سنڌي سکون (1997ع)،(8) سنڌي اپ ڀاشائن جا چونڊ لفظ (1999ع).

(1) Smilarities in Sindhi and Dravidian Languages (lecture) 1996, Sindhi Academy Delhi.
(2) Let's Learn Sindhi (1998), Second Edition 2000, Prem Advani Friends Circle, Pune.
(3) Glimpses of Sindhi Language (2003), Sindhu Publication New Delhi.

سنڌي ٻوليءَ جي ھن ناميارې عالم ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ 24 نومبر 2004ع تي لاڏاڻو ڪيو.



حيدرآباد، سنڌ                    – تاج جويو

18/05/2010

# فهرست


| | |
|---|---|
| ناشر پاران | 05 |
| پيش لفظ | 07 |
| تعارف | 09 |
| 1. سنڌي ٻاراڻا گيت | 11 |
| 2. هڪ ريٻاري لوڪ گيت | 36 |
| 3. جتن جا لوڪ گيت | 43 |
| 4. ڳجهارت | 57 |
| 5. اوڏڪي ٻوليءَ جا لوڪ گيت | 75 |
| 6. هڪ سنڌي ڪيمپ جا لوڪ گيت | 85 |
| 7. هوجمالو: هڪ ناچ گيت | 99 |
| 8. سنڌي لوڪ گيتن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ | 109 |




## ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ تي کوجنا ڪجي ته ان جون سرحدون سنڌ جي موجوده سرحدن کان گهڻيون وسيع ۽ ويڪريون آهن. نه صرف پاڪستان اندر بلوچستان، پنجاب جي سرائڪي پٽيءَ وغيره ۾ ان جو واهپو يا اثر موجود آهي، پر پاڪستان کان ٻاهر ايران توڙي هندستان ۾ ان جا چٽا پٽا لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. هندستان جي سرحد اندر ڪڇ جو علائقو سنڌ جي ٿر ۽ لاڙ سان زميني توڙي لساني ۽ ثقافتيءَ طرح سان جَڙيو ۽ جُڙيو پيو آهي. انهيءَ ڳالهه کي محسوس ڪندي اسان جو خيال آهي ته جتي اسين سنڌ جي سرحدن اندر سنڌي ٻوليءَ جي استعمال، لهجن ۽ محاورن جو اڀياس ڪريون ٿا، اتي سرحدن کان ٻاهر ڳالهائجندڙ سنڌيءَ تي به ضرور تحقيق ڪريون ۽ نه صرف ٻوليءَ ۽ لهجن وغيره جو فرق معلوم ڪريون، پر اتان جي ادب ۽ ثقافت تي سنڌي اثر کي واضح ڪريون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سرمايي ۽ وسعت ۾ واڌارو ڪريون.

انهيءَ مقصد کي سامهون رکي هن وقت هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال ۽ خاص ڪري ڪڇ جي علائقي اندر سنڌي توڙي سنڌيءَ جي ڪڇي لهجي ۾ ڇپيل لوڪ ادب ۽ لوڪ گيتن تي نظر وجهڻ لاءِ نامور عالم ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جو هي ڪتاب ”سنڌي لوڪ گيت- سنڌي ٻوليءَ جي اوسر“ شايع ڪري رهيا آهيون،

جنهن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ رچيل لوڪ گيتن جي ڦهلاءَ ۽ مختلف روايتن بابت ڄاڻ ملي ٿي. اسان کي اميد آهي تہ سنڌ جي اندر توڙي سنڌ کان ٻاهر سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۾ دلچسپي رکندڙ پڙهندڙن کي هي ڪتاب پسند ايندو ۽ هو ان مان ڄاڻ ۽ لطف پڻ حاصل ڪندا.

هن ڪتاب ”سنڌي لوڪ گيت“ جي سهيڙ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي لائق نياڻيءَ ڊاڪٽر چارو گدواڻيءَ ڪئي آهي، جنهن پنهنجي والد جي هن پورهيي کي سنڌيءَ (ديوناگري لپيءَ) ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. جيئن ئي هن ڪتاب جي ڪاپي محترم تاج جويي کي پهتي تہ هن منهنجي مطالعي لاءِ موڪلي ڏني ۽ مون کي ”سنڌي لوڪ گيتن“ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جي ڏس ۾ هي ڪتاب اهميت وارو لڳو. جڏهن مون هن ڪتاب جي لپيءَ جي تبديليءَ جي ڳالهہ اداري جي هڪ ڪارڪن پارسا رضويءَ سان ڪئي جيڪا ديوناگري لپي ڄاڻي ٿي، تہ هن نہ رڳو ان کي موجوده سنڌي (عربيءَ لپيءَ) ۾ الٿائڻ جي حامي ڀري، پر ان کي ڪمپوز ڪري ڏيڻ جو بہ واعدو ڪيو. ائين هي سنڌي لوڪ ادب جو ناياب ڪتاب، موجوده سنڌي لپيءَ (عربي لپيءَ) ۾ پيش ڪندي خوشي محسوس ڪجي ٿي.

12 مارچ، 2010ع
حيدرآباد، سنڌ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي



# سنڌي ٻاراڻا گيت

ٻاراڻا گيت لوڪ گيتن جو هڪ قسم آهن. جيئن لاڏا، وهانءَ جا گيت، اوراڻا ۽ مناظرا بہ لوڪ گيت آهن. ان نموني جا ٻاراڻا گيت بہ لوڪ گيتن ۾ پنهنجي خاص سڃاڻپ رکن ٿا. انهن گيتن جو سڌو سنئون تعلق ننڍن ٻارن سان آهي جهڙيءَ طرح وِهانءَ جا گيت، وِهانءَ سان نسبت رکن ٿا ۽ انهن کي فقط عورتون ئي ڳائينديون آهن. انهن کي مرد ڪڏهن بہ نہ ڳائيندا آهن. اهڙي ريت ٻاراڻن گيتن کي بہ فقط ٻارئي ڳائيندا آهن.
مثال: ٻارن جي راند سان جڙيل هڪ گيت آهي:

”اِرچڪ مِرچڪ ڏاڏا ڏِرچڪ.....“
(مٿي استعمال ٿيل چارئي لفظ بي معنيٰ آهن)

ان راند جي گيت جو فقط ٻار ئي استعمال ڪندا آهن. پر هيءَ راند سيکارڻ ۾ وڏا بيشڪ مدد ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ڪري ”لوري“ جنهن کي سنڌيءَ ۾ ”لولي“ چوندا آهن. ان کي ٻاراڻن گيتن ۾ شامل ڪرڻ مناسب ناهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”ٻارن جا لوڪ گيت“ ۾ لوليءَ کي ٻاراڻن گيتن ۾ شامل ڪيو آهي، پر منهنجي خيال ۾ لولي ٻاراڻو گيت ناهي، جنهن کي ٻار ۽ ٻارڙيون پاڻ ئي ڳائين يا ٻار راند رهڻ مهل ان جو استعمال ڪن. لولي حقيقت ۾ ماءُ، ڏاڏي يا ڪا عورت ڳائيندي آهي پر اها ڪنهن بہ حالت ۾ ٻار نہ ڳائيندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن خاص حالتن ۾ وڏي ڀيڻ پنهنجي ننڍن ڀيڻن ۽ ڀائرن کي سمهارڻ وقت لولي ڳائي ٻڌائي، ليڪن گهڻو ڪري ماءُ، ڏاڏي وغيره ئي لولي ڳائينديون آهن. ان ڪري

لوليءَ کي بنيادي طور تي ٻاراڻو گيت نٿو چئي سگهجي. گهڻائي دفعا ائين ڏٺو ويو آهي تہ ٻار ٻڌندي ٻڌندي فلمي گانا ڳائڻ لڳندا آهن. تہ پوءِ ڇا ان ڪري فلمي گيتن کي بہ ٻاراڻا گيت چيو وڃي؟ اهڙيءَ طرح ڪن حالتن ۾ جيڪڏهن ڀيڻ پنهنجي ننڍي ڀاءُ يا ڀيڻ جي لاءِ لولي ڳائي ٿي تہ ان کي ٻاراڻو گيت نہ چوڻ گهرجي. سنڌي ٻولي ٻاراڻن گيتن ۾ ڪافي شاهوڪار آهي. هيٺ سنڌي ٻاراڻن گيتن جو مختصر بيان ڪجي ٿو.

1. **راندين سان جڙيل سنڌي ٻاراڻا گيت :**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ان نموني جا الاهي گيت، ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پهرين تمام گهڻا مروج هئا. ورهاڱي کان پوءِ بہ خاص ڪري سنڌي ڪئمپن ۾ انهن جو الاهي رواج هو پر مون کي شڪ آهي تہ هاڻي شايد ئي اهي گيت ٽي.ويءَ جي هن دؤر ۾ زنده رهي سگهن. ان نموني جي گيتن ۾ "اِرچڪ مِرچڪ" خاص مقام رکي ٿو. اڇو تہ پهرين هن گيت کي ڏسون:

"اِرچڪ مِرچڪ
ڏاٽا ڏرچڪ
آگ پٽيئڙو
ٿوبو ٿِپو
نانگڻ جو ڳڻ
کارا ڪُتي
ٻُتي ڇُتي"



هي گيت مختلف ڪتابن ۾ جدا جدا لفظن ۾ لکيل ملي ٿو. هي گيت هٿ تي آڱر رکي چيو ويندو آهي. هي گيت چوندي ۽ راند رهندي ٻار ٿڪبا ئي ڪونہ آهن. هي گيت اڪثر 7_8 سالن جي عمر جا ننڍا ٻار ڳائيندا آهن. اهو ٻاراڻوگيت ڳائيندي راند ڪيڏي ويندي آهي. جيترا بہ ٻار ان راند ۾ حصو وٺندا آهن، اهي پنهنجا ٻئي هٿ اُبتا زمين تي رکندا آهن. پوءِ انهن مان هڪ ٻار سڀني ٻارن جي هٿن تي واري واري سان آڱر رکندو، هڪ هڪ لفظ چوندو ويندو آهي. آخر ۾ جڏهن سڀني هٿن تي لفظ چئي ختم ڪندو آهي، تہ پوءِ سڀ ٻار پنهنجن هٿن جي ترين کي مٿي ڪندا آهن. ان طرح "ڇُتي" لفظ جنهن ٻار جي هٿ تي ايندو آهي، اهو پنهنجو هٿ راند مان ڪڍي ڇڏيندو آهي. جن ٻارن جي هٿ تي "ڇُتي" لفظ ايندو ويندو، اهي نڪري ويندا آهن ۽ آخر ۾ جنهن ٻار جو هٿ رهجي ويندو آهي، ان کي راند ۾ هارايل مڃيو ويندو آهي. ٻار هن راند کي بار بار ۽ وڏي چاهہ سان کيڏندا آهن.

هڪ ٻيو گيت آهي، جنهن کي 10_12 سالن جي عمر جون ٻارڙيون يا ڪڏهن ڪڏهن وري 18_19 سالن جون ڇوڪريون راند سان گڏ گڏ ڳائينديون بہ وينديون آهن:

"ڏُو ڏُو ڏاٽا"
(اهي ٽئي لفظ بي معنيٰ آهن)
ڇلا پراٽا

(ڇلو هڪ نموني جو آڱر ۾ وجهڻ جو سونو يا چانديءَ جو ٿهيل گول نموني جو ڳهہ هوندو آهي. منڊيءَ وانگر اُن تي ڪا بہ ڄڙائين نہ هوندي آهي.)

چلن ۾ ميندي
ادل مڱيندي
ڪاٽي مڱيندي
هالاڻي مڱيندي
هالاڻيءَ جي چوڪري
ڪٽي ويا سي چور
چورن پاتي ڇائي.
ٻـڪ ادائـي
”منهنجي مورَ موتي آئي“

(انگريزي ٻوليءَ جي جملي ”Go to hell“ جهڙو ئي ڪجهه هتي چيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي چور ڀڄي ويا.)

ٻارڙيون هي گيت ڳائينديون به آهن ۽ پنهنجون ٽِريون سامهون وارين ٻارڙين سان اهڙيءَ طرح ملائي تاڙي وڄائينديون آهن، جو ان سان سنگيت جي آواز ۾ لئه پيدا ٿيندي آهي. تاڙين جي لئه سان گڏ ئي هو پنهنجن پيرن جو آواز به ملائينديون آهن. ائين ئي جيئن ناچ ۾ پيرن جي تال جي آواز سان سنگيت پيدا ٿيندي آهي. هن ٻار – گيت ۾ لئه ۽ تال جو انتهائي حسين سنگم آهي. ان سان گڏ ئي هي گيت ٻارن لاءِ جسماني ڪسرت جو هڪ سٺو ذريعو به آهي.

مٿي ڏنل ٻئي ٻاراڻا گيت تفريح جا انتهائي خوبصورت وسيلا آهن. گيت جا گيت ۽ راند جي راند. ليڪن ”ڏُو ڏُو ڏاڻا“ ۾ جسماني ڪسرت وڌيڪ ٿي سگهي ٿي. مون کي چڱي طرح ياد آهي، منهنجي سؤٽ هي گيت ڳائيندي ۽ نچندي نچندي ڀگهر ۾ شل ٿي



ويندي هئي. جي سوچجي ته هي ٻئي ٻاراڻا گيت تمام ڪارائتا ۽ خوبصورت آهن.

2. **تخيل ۾ پختگي آڻڻ وارا ٻاراڻا گيت:**

ٻار ٿورو وڏو ٿيندو آهي ته پنهنجي آس پاس جي ماحول جو جائزو وٺندو آهي. اهڙي وقت ۾ اهو ضروري ٿي ويندو آهي ته سندس تخيل جي پرواز جي قوت ۾ واڌاري لاءِ ان کي همٿايو وڃي. ائين ڪرڻ سان ٻار جي سوچڻ جي قوت ۾ واڌارو ايندو آهي ۽ ان سان گڏ ٻار جي دماغ جي به تعميري ترقي ٿيندي آهي. تصور ڪرڻ جي قوت نه صرف ڪويتا، ڪهاڻيءَ يا ٻئي ڪنهن ادبي تصنيف لاءِ ضروري آهي، پر ٻين تحقيقي علمن لاءِ به يقيناً اهم آهي. ڪنهن به دستڪاريءَ يا هنر جي لاءِ تصور جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي. واپار ۽ محنت وارن ڪمن ۾ به ان جو استعمال لازمي ٿيندو آهي. هتي تصور جو مقصد هوائي قلعا اڏڻ ڪونهي، پر تصور سان ٻار جي سوچڻ جي قوت وڌائڻ آهي. قديم دؤر کان وٺي دنيا جي هر خطي جي ادب ۾ ان جو وڏو حصو رهيو آهي. سنڌيءَ جو هڪ ٻاراڻو گيت ان جو الاهي سٺو مثال آهي. ان گيت مان ٻار جي ننڍپڻ ۾ ئي ان کي تصور ڪرڻ جي سٺي تربيت ملي ٿي.

”پيسو لڌم پٽ تان،
پيسي ورتم گاهه،
گاهه ڏنم گانءِ کي،
گانءِ ڏنو کير،
کير ڏنم امان کي،
امان ڏنو لولو،

لولو ڏنم ڪانوَ کي،
ڪانوَ ڏنو ڪنپ،
ڪنپ ڏنم راجا کي،
راجا ڏني گهوڙي
چڙهي گهم، چڙهي گهم!

چندن ڦٽاڪو
جيئي منهنجو ڪاڪو
ڪاڪو وينو ماڙيءَ تي،
گل هٽانس ڏاڙهيءَ تي،
امان ويني مُوڙي تي،
گل هٽانس جهُوڙيءَ تي،
پاپي ويني ڪونيءَ تي
گل هٽانس چوٽيءَ تي،
ياءُ وينو بيٽ تي
گل هٽانس پيٽ تي
ادا وينو اَڪ تي
گل هٽانس نڪَ تي.“

مٿي ڏنل ٻاراڻي گيت ۾ اهو تصور ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن ٻار کي ڪٿان هڪ پيسو ملي وڃي ته هو ڇا ڪندو؟ قديم دؤر ۾ پئسي کي حاصل ڪرڻ جي خواهش لاءِ انسان جي جيڪا خيالن جي پرواز هوندي هئي، سا ساڳئي نموني اڄ جي دؤر ۾ به قائم آهي. ڪجهه ماڻهو



پگهار سان گڏ بونس ملڻ جي خواهش ڪندا آهن، ته ڪي وري لاٽريءَ ذريعي پيسو حاصل ڪرڻ جي خواهش ڪندا آهن ۽ وڏا وڏا هوائي قلعا اڏيندا آهن. پر هن گيت ۾ اسان جو ننڍڙو ٻالڪ هڪ سادي ۽ ممڪن خواهش ڪري ٿو جيڪا آهي هن کي واٽ هلندي پٽ تي پيل هڪ پئسي ملڻ جي خواهش. ان کان پوءِ هو جيڪي ڪجهه به سوچي ٿو ان جو سڌو سنئون تعلق سندس چؤطرف جي زندگيءَ جي ڳالهين سان جڙيل آهي. ڍڳي ته سنڌ جي هر گهر ۾ ٻڌل هوندي هئي، ان ڪري هو سڀ کان اڳ ڍڳيءَ جو ئي تصور ڪري ٿو. پوءِ اها فطري ڳالهه آهي ته، اها ڍڳي کيس پنهنجو کير ڏئي ٿي ۽ جڏهن هو اهو کير پنهنجي ماءُ کي ڏئي ٿو ته اها اُن کي منڍي ماني يا لولو ڏئي ٿي. سنڌي تهذيب ۾ ان خاص قسم جي مانيءَ جو ورهين کان تمام گهڻو استعمال رهيو آهي. شراوڻ ماس[1] (ساوڻ مهيني) جي سَپتَم ڏڻ تي هي منيون مانيون پچايون ويندڙيون هيون. انهن مانين کي تري به پچايو ويندو هو. ان کان سواءِ سنڌ ۾ مهالڪشميءَ جي پوڄا تي به هي خاص قسم جون مانيون پچايون يا تري ٺاهيون ويندڙيون هيون. اهڙن موقعن تي سنڌ جي گهرن ۾ اڱڻن جي پٽين تي ڪانگن جو ڪان ڪرڻ به عام هو.

[1] شراوڻ هندو ڪئلينڊر جو پنجون مهينو آهي ۽ مبارڪ مهينو آهي. هن مهيني ۾ تمام گهڻا مذهبي ڏڻ ملهايا ويندا آهن ۽ هن مهيني جو تقريباً هر ڏينهن مبارڪ هوندو آهي هن مهيني جو هر سومر ساوڻ جو سومر طور ڪوٺبو آهي. هن مهيني سيئي سومر ڀڳوان شِو جي پوڄا لاءِ وقف هوندا آهن. ڪنهن به ٻئي مهيني جو ڪو سوموار ايترو تعظيم وارو نه هوندو آهي. هن مهيني دوران هندو تمام گهڻي پوڄا ڪندا آهن ۽ ورت (روزا) رکندا آهن. هي مهينو هندن لاءِ انتهائي خاص آهي. هن مهيني ۾ جيڪي ڏڻ ملهايا ويندا آهن سي هي آهن:”ناگا_ پنچمي، ”ڪالڪياواتر“، ”هِندولا“، نارالي پورنيما“، شِرواڻي پورنيما“، ٻوتررو پانا“، رڪشا بنڌن“،”وارا لڪشمي وراتا“، رشي پنچمي“، ”گوواستا ۽ باهو لا“، ستالا سپتمي“، ”جنماشٽي“، ”اجيڪاداسي“ ۽ پٿوري پولا“.

پوءِ هڪ ظاهري ڳالهه آهي، منيءَ ماني جي بدلي ڪانگ تہ پنهنجو کنپ ئي ڏئي سگهي ٿو. اهو ٻار چڱيءَ طرح سمجهي ٿو. هيستائين جيڪو ٻہ ٻار تصور ڪيو آهي، انهن سڀني ڳالهين جو مشاهدو هُن پنهنجي آسپاس جيڪو ماحول وهي واپري ٿو ان مان ڪيو آهي. پر ان کان اڳيان هو سوچي ٿو:

”ڪنپ ڏنم راجا کي، راجا ڏني گهوڙي“

اهو تصور وري هن دراصل پنهنجي ڏاڏيءَ ۽ نانيءَ کان ٻڌل آکاڻين جي بنياد تي ڪيو آهي، جنهن ۾ هن ٻڌو آهي تہ راجا ۽ راڻي يا شهزادو ۽ شهزاديون خوش ٿي گهوڙي يا ٻيون شيون دان ڪندا آهن. هاڻي جڏهن هن تصور قائم ڪري ڇڏيو تہ هن کي گهوڙي ٻہ حاصل ٿي ويئي تہ اها ظاهري ڳالهه آهي تہ هو ان تي چڙهي ان جو مزو ٻہ وٺندو. هيءَ تصور ٻار جي فڪري صلاحيت سان پوريءَ طرح ٺهڪي اچي ٿو.

چڙهي گهمر، چڙهي گهمر
”چندن ڦتاڪو
جيئي منهنجو ڪاڪو“!

هن مصرع کان وٺي آخري مصرع تائين هن گيت ۾ ٻار کي تصور سان گڏوگڏ ٻوليءَ جي سکيا ٻہ ملي ٿي. جنهن ۾ لفظن جي نئين بناوٽن سان استعمال ڪرڻ ٻار کي آسان طريقي سان سيکاريو ويو آهي. حقيقت ۾ ان ٻوليءَ جي خوشبوءِ ڪارڻ ننڍپڻ کان ئي ٻار پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ڪرڻ سکي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو وڏو ٿيندي ٿيندي هن کي پنهنجي مادري زبان سان ايترو تہ پيار ٿي ويندو



آهي، جو ڪيس پنهنجي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ ٻي ڪا زبان محبوب يا پياري نہ هوندي آهي.

**3. ڪائنات جي جزن جو حسن:**

ٻار جڏهن وڏو ٿيڻ لڳندو آهي ۽ ٿوري سمجهہ وارو ٿيڻ لڳندو آهي تہ هو پنهنجي چوڌطرف پنهنجي ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ خاندان جي ٻين فردن کي ڏسندو آهي. ان کان سواءِ پنهنجي چوڌاري ٻہ نظر ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ ڏسندو آهي، ان کي پرکڻ ۽ پروڙڻ جي خواهش سندس اندر ۾ پيدا ٿيندي آهي. سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ائين هو تہ اڪثر ٻارن کي آسمان طرف نهارڻ جو موقعو ملندو هو. گرميءَ جي موسم ۾ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رات جو سڀئي ماڻهو گهڻو ڪري ڇتين تي سمهندا هئا. سنڌ ۾ گرمي 40 فارنهائيٽ تائين پهچي ويندي هئي ۽ ڪجهہ وڏن شهرن کي ڇڏي باقي هنڌن تي بجلي اڻلڀ هئي. گرميءَ جي ڪري سڀ ماڻهو ڇت تي ئي سمهندا هئا. پر جيڪڏهن ڪن لاءِ ڇت تي سمهڻ ممڪن نہ هوندو هو تہ اهي کليل اڱڻ ۾ کٽون وجهي سمهندا هئا. اهڙيءَ ريت سمهندي ئي ٻار جو ڌيان آسمان ڏانهن ڇڪجي وڃڻ فطري هو. اڄڪلهہ وڏن شهرن ۾ فليٽن ۾ رهڻ وارا ٻار آسمان ۾ ٽمٽمائيندڙ ستارن ۽ چنڊ جي انيڪ روپن جي نظارن کان محروم آهن. ان دؤر ۾ سنڌ جي زندگي اهڙي هئي، جو آسمان جا سندر سندر نظارا ڏسڻ جا ٻار تمام گهڻا شوقين هوندا هئا. سنڌي ٻولي اهڙن گيتن جي ميدان ۾ ٻہ مالا مال آهي. هتي آسمان سان جڙيل هڪ ٻاراڻو گيت پيش ڪجي ٿو:

”واهه ڙي تارا گول تارا،
روشن تارا چلڪي وارا!
سانجهيءَ ٽاٽي نڪرو ٿا
اُڀ سڄي ۾ پکڙو ٿا!
چمڪو چمڪو ساري رات
ڪجي اوهان جي ڪهڙي بات؟
جوت اوهان جيِ جي نہ هجي
واٽهڙُو ڪر واٽ منجهي

(پهرين ٻن سِٽن ۾ ستارن جي بناوت ۽ صفتن جو ذڪر ٿيل آهي)

توهان گول آهيو
توهان چمڪندا رهو ٿا
توهان ٽِمر ٽِمر ڪندا رهو ٿا.

پوءِ اڳيان هن بيت ۾ تارن جي ٻين صفتن جهڙوڪ: سانجهي وقت نڪرڻ، سڄي آسمان ۾ پکڙجي وڃڻ، سڄي رات چمڪندو رهڻ وغيره جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کا سواءِ ٻيا بہ گهڻا ئي ڏسڻ لائق نظارا هوندا آهن ۽ انهن سڀني کي هتي بيان ڪرڻ ڏکيو آهي، آخري سِٽن ۾ الاهي ڏک ڀري ڳالهہ ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن رات جو ستارن جي روشني نہ هوندي تہ مسافر پنهنجي راهہ ڪيئن ڳوليندا؟ سنڌ ۾ ائين ٿيندو هو جو مسافر يا وڏا وڏا واپاري قافلا اڪثر رات جو ئي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ويندا هئا. انهن ڏينهن ۾ اونداهين راتين ۾ رستي ڳولڻ جو فقط هڪ ئي سهارو هوندو هو ۽ اهو هوندو هو قطب تارو.



”جوت اوهان جيِ جي نہ هجي
واٽهڙُو ڪر واٽ منجهي“

مٿيون ٻئي سِٽون تارن جي روشنيءَ ۾ سفر ڪرڻ جو احوال ڏين ٿيون. جيئن تہ سنڌي واپاري پرڏيهہ ۾ واپار لاءِ سمنڊ جو سفر ڪري ويندا هُئا ۽ اها ڳالهہ سڀني جي علم ۾ آهي تہ انهن ڏينهن ۾ سمنڊ جي سفر لاءِ قطب تاري جو ئي سهارو ورتو ويندو هو. ان لاءِ ٿي سگهي ٿو تہ مٿيون سِٽون ان طرف بہ اشارو ڪنديون هجن. ان ننڍي ٻاراٽي گيت ۾ ٻار جي عمر، سمجهہ ۽ علم کي ڌيان ۾ رکندي تمام خوبصورت خيالن کي آسان لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.
ڪائنات جو حُسن ڏيکارڻ لاءِ هڪ ٻيو پرپور اثر رکندڙ لوڪ گيت آهي:

”جهُڙ ٿئي ٿو مينهن وسي ٿو،
پکي پڃن ٿا وڃي لڪن ٿا،
گاهہ نڪرندا، گل ڦٽندا،
اَن مهانگو، ٿيندو سهانگو،
هرڪو ڏکيو، ٿيندو سکيو“

هي ٻارن لاءِ هڪ ننڍڙو گيت آهي. اهوئي ڪارڻ آهي، جو هن ۾ الاهي ننڍين ۽ آسودن لفظن جو استعمال ڪيو ويو آهي. ان ٻاراٽي گيت جي خاص ڳالهہ ٻار جو ڪڪرن ڏانهن ڌيان وڃڻ آهي. جيتوڻيڪ ٻارن جو ڌيان ڪڪر يا مينهن پاڻ ئي ڇڪي وٺندا آهن، پر پوءِ بہ مينهن جون ڪجهہ خاصيتون هن ننڍڙي گيت ۾ منعڪس ٿيل آهن، جن ڏانهن ٻار جو ڌيان ڏيارڻ ضروري آهي، ڇو جو مينهن پوڻ

سان انسانن کي کڏھن کڏھن ڪيترين ئي تڪليفون ۽ مشڪلاتون بہ پيش اينديون آھن. ان لاءِ ممڪن آھي تہ ٻار کي انھن مشڪلاتن جي ڪري مينھن جي اھميت سمجھہ ۾ نہ اچي. ان ڪري ننڍڙن ٻارڙن جو ھن سندر ٻاراٽي گيت ذريعي مينھن جي خاصيت ڏانھن ڌيان ڇڪايو ويو آھي ۽ ڪائنات ۾ موجود شين جي حسن کي وڏي ڪاميابيءَ سان بيان ڪيو ويو آھي.

4. **پيڻ جو ياءُ سان پيار:**

ياءُ ۽ پيڻ جو پاڻ ۾ خون جو رشتو ھوندو آھي. ھن سنڌي ٻاراٽي گيت ۾ پيڻ جو ياءُ سان پيار خوبصورت لفظن ۾ ڏيکاريو ويو آھي:

”پيرڙو پانڌيئڙو، پيرڙو پانڌيئڙو!
پيائيڙو منھنجو ننڍڙو،
پيائيڙو منھنجو ننڍڙو!
واڍي کان گاڏيئڙو ٺھرايان،
تنھن ۾، چم چم چير ٻڌايان
ھوريان ھوريان رڙھي اڌڙو
پيرڙو پانڌيئڙو پيرڙو پانڌيئڙو!
مامي کان ڏانوڻ کپايان
ٻوڙي اڌڙو، نِڪڙو تڪڙو
نِڪڙو: نِڪو، ننڍڙو
پيرڙو پانڌيئڙو، پيرڙو پانڌيئڙو.“



مٿي ڏنل ٻاراٽي گيت ۾ الاھي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آھي تہ ھڪڙي پيڻ پنھنجي ننڍڙي ياءُ کي ڪھڙيءَ طرح ھلڻ سيکارڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ننڍين ٻارن جي ھلڻ لاءِ ٿن ڦيٿن وارو ڪاٺ جو ھڪ گاڏڙو ساز سان گڏ ٺاھيو ويندو آھي، جيڪو ٻار کي ھلڻ ۾ مدد ڏيندو آھي. ٻار جي پيڻ اھڙوئي ھڪ ساز وارو گاڏو ٺاھڻ چاھي ٿي، جنھن کي سنڌيءَ ۾ ”گاڏيئڙو“ چئبو آھي، جنھن جي معنيٰ آھي ”ننڍڙي گاڏي“. ھوءَ ان ۾ ننڍڙا گھنگھرو بہ ٻڌڻ چاھي ٿي. گھنگھرن جو مِٺو آواز ٻڌي ننڍڙو ٻار خوشيءَ ۽ لطف جو اظھار ڪندو آھي. نہ صرف ايترو، پر ننڍڙي عمر کان ئي ٻار جي ڪنن ۾ موسيقيءَ جي گونج پيدا ٿيندي آھي ۽ سچ تہ اھو آھي تہ ھو نہ صرف ھلڻ سڪندو آھي، پر گھنگھرن جي سنگيت جي آواز تي پنھنجن ننڍن ننڍن پيرن سان ناچ بہ سڪندو آھي. جنھن ڪري ٻار جي ڪنن ۾ گھنگھرن جي مِٺي ۽ سُريلي آواز مان لطف وٺڻ جو شوق پيدا ٿيندو آھي. ”ڏانوڻ کپايان “ جو مطلب ھڪڙي رسم سان ڳنڍيل آھي، جنھن ۾ ٻار جو مامو ٻار کي ھلڻ سيکارڻ کان پھرين، ٻار جي پير ۾ ريشمي ڌاڳو ٻڌي ان کي ڪئنچيءَ سان ڪٽيندو آھي. ائين مڃيو ويندو آھي تہ ائين ڪرڻ سان ٻار جلدي تڪڙو ھلڻ سڪي ويندو. ”مامي کان ڏانوڻ کپايان“ چئي ننڍڙي ٻارڙي ان رسم ڏانھن اشارو ڪري رھي آھي.

ھاڻي ان ٻاراٽي لوڪ گيت جي ٻوليءَ جو جائزو وٺڻ بہ ضروري آھي. جيئن تہ ھي گيت تمام ننڍڙي ٻار جي لاءِ چيو ويو آھي، تھنڪري ھن گيت ۾ محبت جي اظھار ڪرڻ لاءِ الاھي پيار پريل

لفظن جو استعمال ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ: پيرڙو، پانڌيئڙو، پائيڙو، ننيڙو، ايڏڙو، گاڏيئڙو، هي اهڙا لفظ آهن، جن ۾ ”ڙو“ جوڙيو ويو آهي، جنهن سان هن گيت مان مٺڙو آواز جهلڪي ٿو.

**5. ماءُ جي لاءِ پيار:**

سنڌي ٻاراڻن گيتن ۾ سڀني کان پيارو گيت ”منهنجي امڙ، منهنجي امڙ“ يعني منهنجي ماءُ مهنجي ماءُ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ماءُ“، ”امان“، ۽ ”آيل“ جهڙن لفظن جو استعمال ماءُ جي لاءِ ٿيندو آهي. پر ”امڙ“ لفظ جو استعمال ٻار پنهنجي ماءُ لاءِ تمام گهڻو پيار جتائڻ وقت ڪندا آهن. دراصل ”امڙ“ لفظ کي ماءُ سان محبت جي اظهار جو هڪ طريقو مڃيو ويندو آهي. اڇو ته سڀ کان پهرين هن خوبصورت ٻاراڻي گيت جو مزو وٺون:

”مون کي ڪنهن ٿي ڪير پياريو،
پيار منجهان ٿي گود ويهاريو
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو!
منهنجي امڙ، منهنجي امڙ!
ننڊ ڦٽي مون جڏهن ٿي پيئي!
ڪنهن ٿي سمهاريو لولي ڏيئي،
ڇڏي نه مون کي ڪڏهن ويئي،
منهنجي امڙ، منهنجي امڙ!
پنڌ ڪندي، جي ڏڪو ڪاڌم،
ڪنهن ڪڻي ٿي ڇاتيءَ لاتم،
پيار منجهان ٿي پاڳر پاتم،



منهنجي امڙ، منهنجي امڙ!
وڏي جڏهن مان وڏو ٿيندس،
سک سوين آءٌ توکي ڏيندس،
منهنجي امڙ، منهنجي امڙ!

سنڌي ٻاراڻي گيت ” منهنجي امڙ“ ۾ اهڙو رس ۽ چس آهي، جنهن مان مزو ۽ خوشي حاصل ٿئي ٿي، جنهن ڪري ان گيت جي وجود ۾ ترنگ پيدا ٿئي ٿو. هي ٻه سادا لفظ، دل اندر هڪ مٺڙي احساس جي لهر پيدا ڪري ڇڏين ٿا. اڄ به اهي لفظ، ننڍپڻ جا اهي ڏينهن ياد ڪرائين ٿا، جڏهن آڌي رات جو اک کُلي ويندي هئي ۽ امان لولي ڏيئي، پيار ڀرين هٿن سان ٿپڪائي وري سمهاري ڇڏيندي هئي. جيڪڏهن پنڌ ڪندي هلندي هلندي ٻار ڪري پوندو هو ته پوءِ هوءَ ڪيئن سيني سان ڪڻي لائيندي هئي. انهن سِٽُن ۾ بي پناهه پيار جو احساس ملي ٿو. ننڍڙي ٻار تي انهن ڳالهين جو اثر ايترو ته گهرو پوندو آهي، جو پوءِ اُهو اثر مٿس زندگيءَ ڀر قائم رهندو آهي. ان ڪانپوءِ وارين سٽن ۾ ٻار چوي ٿو ته وڏو ٿي ماءُ کي الاهي سُک ڏيندو ۽ مٿس پنهنجي جان به واري ڇڏيندو. هي سٽون ٻار ۾ پنهنجي فرض سجاڻڻ ۽ ان کي پوري ڪرڻ واري ارادي جي طرف اشارو ڪن ٿيون.

”ڇڏي نه مون کي ڪڏهن ويئي“

ان جي معنيٰ آهي، ”مون کي ڇڏي ڪيڏانهن به نه وئي، يعني ماءُ ٻار کي ڪڏهن به اڪيلو ڇڏي نه ويندي آهي“، جنهن سان ماءُ ۽ ٻار جو رشتو گهرو ٿيڻ سياويڪ ڳالهه آهي. پر اڄڪلهه وقت بدلجي ويو آهي. هاڻي

نوڪري نہ ڪندڙ مائون بہ پنهنجن ٻارن کي نوڪرن جي حوالي ڪري ڇڏين ٿيون. نتيجي ۾ وڏن شهرن ۾ ٻار ماءُ پيءُ کي پوڙهي ٿيڻ تي اولڊ هائوسز (Old Houses) ۾ ڇڏي ايندا آهن. هي ٻاراڻو گيت نرم دل ٻارڙن تي الاهي سنو اثر وجهندڙ آهي. مون الاهي سارن پوڙهن ماڻهن کان پڇيو تہ سندن سڀني کان وڌيڪ پسنديده ٻاراڻو گيت ڪهڙو آهي تہ سڀني ”منهنجي امڙ....“ ۽ ”جو ڪير پيئي....“ گيتن جوئي حوالو ڏنو. آزاديءَ کان سال اڳ مون کي جڏهن پارٽ ۾ اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ سنڌي درسي ڪتاب ڏسڻ جو موقعو مليو تہ مون کي اهو ڏسي الاهي ڏک ٿيو تہ هي ٻئي گيت انهن ڪتابن ۾ نہ هئا. انهن جي جاءِ تي ”موتي ڪُتارو“ مطلب ”موتي ڪُتو“ گيت هو، جنهن ۾ موتي ڪُتي جي تمام گهڻي تعريف ڪئي ويئي هئي. ان زماني ۾ انگريزن جي اثر هيٺ ڪتن ۽ ٻلين پالڻ جو الاهي رواج پئجي ويو هو. اهڙن ٻاراڻن گيتن سان حساس ٻارڙن جي دلين تي ڪهڙو اثر پوي ٿو اها ڳالهہ ڪنهن کان بہ لڪل ناهي.

**6. جيتن کي مخاطب ڪري چيل ٻاراڻا گيت:**

ڏٺو ويو آهي تہ انسانن جي فطرت آهي تہ اهي پنهنجا ڏک سک ونڊڻ لاءِ اڪثر جانورن، پکين ۽ جيتن کي پنهنجو دوست يا ساٿي ٺاهيندا آهن. ان متعلق سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ انتهائي خوبصورت ٻاراڻو گيت آهي.

ٽنڊڻي ڙي ٽنڊڻي
اسين تنهنجا ماڻهو
ڇپينداسين ڏاڙهون!
هيءَ قطار ڪهڙي؟



ستن پائرن جهڙي،
ست ئي پائر ڪڏ تي،
ٻيڙي آئي در تي،
هڪ ٻيڙيءَ ۾ موتي
چِني منهنجي پهتي،
دادل کي چئجانءِ
گُڏو گُڏِي کي آڻجانءِ!
سونَ ۾ مڙهائيجانءِ!
چانديءَ ۾ چلڪائيجانءِ!
آءُ تہ گُڏيءَ راند ڪريون
آءُ تہ گُڏيءَ راند ڪريون

هڪڙي ننڍڙي ڇوڪري ”ٽنڊڻيءَ“ سان ڳالهائيندي اهڙو تاثر ڏئي رهي آهي، جڻ ننڍڙي جيتامڙي سندس ڳالهيون ٻڌي ۽ سمجهي رهي هجي. شايد ٻارڙي اهو سمجهي ٿي تہ هوءَ پاڻ ۽ ٽنڊڻي جاندار مخلوق هجڻ جي ناتي هڪ ئي درجي ۾ اچن ٿيون. اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي تہ نازڪ دل رکندڙ ٻارن کي جڏهن ڪير تڪليف پهچائيندو آهي تہ هو تمام گهڻا ڏکي ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ هو ٻين شرارتي ٻارن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سڀني جاندار مخلوقن لاءِ ٻار جي جيڪا معصوم سوچ آهي، ان کي هن گيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن گيت جهڙا ڪيئي مثال پکين جا بہ ملن ٿا.

هن ٻاراڻي گيت ۾ ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن، جن جو هن وقت جي خانداني نظام ۽ زندگيءَ تي سنو عڪس

پوي ٿو. جيئن ”دادل کي ڇئجانءِ، گُڏو گڏي آڻجانءِ، سونَ ۾ مڙهائجانءِ، چانديءَ ۾ چلڪائجانءِ“! هنن سٽن ۾ ٻارڙي پنهنجي دل جي ڳالهه ڪندي، ٽنبڻيءَ ذريعي پنهنجي وڏي ڀاءُ کي اهو نياپو ڏيڻ چاهي ٿي تہ هن کي گُڏو ۽ گُڏي کپن، جن کي الاهي سارا سون چاندي جا زيور پيل هجن. آخري ٻن سٽن ۾ ٻارڙي ٽنبڻيءَ کي چئي ٿي تہ اڄ تہ گُڏي راند کيڏون. دراصل هن گيت ۾ جنهن ٻارڙيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اها نازڪ دل هئڻ سان گڏ ڀالي ڀولي بہ آهي. هن جي من ۾ گُڏيءَ سان راند کيڏڻ جي شديد خواهش آهي، جنهن کي هوءَ پنهنجي تصور ۾ پورو ڪري وٺي ٿي. هن گيت جي جائزي وٺڻ تي اهو پتو پوي ٿو تہ ٻارڙيءَ کي هڪڙي گُڏيءَ جي تمنا آهي. پر ان جا گهر وارا ان کي گُڏو گُڏي نہ ٿا وٺي ڏين، جنهنڪري سندس خواهش پوري نٿي ٿئي. ۽ ان ڪري هوءَ پنهنجي خواهش جو بيان ٽنبڻيءَ سان ڪري پنهنجي دل جي ڳالهه زبان تي آڻي ٿي. اِهائي ان ٻاراڻي _گيت جي مکيہ خاصيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

7. **ڪير جي اهميت:**

ڪير ۽ ڪير مان ٺهيل شيون سنڌي ڪاڄن ۾ اهميت رکن ٿيون. اڄ بہ سنڌين جي ڪاڄ جو مکيہ شيون ڪير ۽ ڏهي وغيره آهن. اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي تہ ننڍڙا ٻار ڪير پيئڻ کان نٽائيندا آهن ۽ ماءُ پيءُ کي ٻارن کي ڪير پيارڻ لاءِ وڏا جتن ڪرڻا پوندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ پراڻي زماني ۾ بہ ائين ئي ٿيندو هجي. ان ڪري ننڍڙن ٻارن جو هيءُ ٻاراڻو_گيت ٻارن کي ڪير پيئڻ جي ترغيب ڏيڻ ۾ گهڻو ڪامياب رهيو آهي. اڄو تہ هن گيت کي ڏسون:



”جو ڪير پئي، سو وير ٿئي،
ڏند زور وٺن، سنا سهڻا لڳن،
اکين جوت وڌي، ڏاڍي سونهن ٿئي،
وٺي زور بدن، لڳ چست ٿين!
ڪير صفا سنو آهي ڏاڍو مٺو!
ٻارو اڇو پيون، پري ڪير وٺيون،
سڀ زور وٺون، پي ڪير وڌون!
ڏي ڪير امان، پي پڙهڻ وڃان!“

مٿي هن ٻاراڻي گيت ۾ ڪير جي وڏائي بيان ڪئي وئي آهي ۽ ٻار کي ڪير پيئڻ لاءِ اُتساهہ ڏياريو ويو آهي. 80_70 سالن جي عمر جا ڪيترائي ماڻهو اڄ بہ بنا ڪنهن ڀُل چُڪ جي هي گيت ٻڌائين ٿا، ڪي هن ٻاراڻي گيت جي تمام گهڻي واکاڻ ڪن ٿا. الاهي اهو بہ چون ٿا تہ هو پنهنجي پوٽن پوٽين کي هن ٻار_گيت ذريعي ڪير جي اهميت ۽ افاديت ٻڌائي، کين ڪير پيئڻ جو شوق ڏياريندا آهن.

8. **هڪڙو بيمثال ٻاراڻو گيت:**

سنڌي ٻاراڻن گيتن ۾ پنهنجو خاص مقام رکڻ وارو گيت آهي: ”جو ڏينبو جو ڏينبو“ سڀ کان پهريائين هن گيت جو مزو وٺو:

”جو ڏينبو جو ڏينبو
واٽيئڙو ڦِٽو!
سا واٽ سا واٽ
ڇٻر ڙي پوکي،

سا چِہر، سا چِہر
گھوڙڙا ڪاٺين
سي گھوڙڙا سي، گھوڙڙا لِڏ لاهين
سا لِڏ سا لِڏ ڪنير ڪٽي،
سو ڪنير سو ڪنير ٽانوڙا ناهي
سي ٽانوَ سي ٽانوَ رٻ رڌن
سا رٻ سا رٻ ٻارڙا (نُونُو/چِنٽُو) ڪاٺين"

هي ٻاراٽو گيت تڏهن چيو ويندو آهي، جڏهن ننڍڙو ٻارُ اجا مس هلڻ سکندو آهي ۽ هلندي هلندي ڪِرندو آهي. پوءِ ڪري وري اٿندو آهي ۽ هلڻ شروع ڪندو آهي. پهريون ٻہ ستون ٻڌائين ٿيون تہ هڪڙو ننڍڙو ڪينئون گس تي ڦاسي پيو. اتي ڪنهن گاھہ پوکيو. گاھہ کي هڪڙو گھوڙو کائي ويو. گھوڙي پوءِ متيءَ ۾ لِڏ لاٿي. اها متي ڪنير ڪٽي ويو. ڪنير وري ان متيءَ مان ٽانوَ ناهيا. انهن ٽانون ۾ ڏارو (رٻ) نهيو. اصل ۾ ٻار جڏهن هلندو ۽ ڪِرندو آهي تہ ان جو ڌيان ونڊائڻ لاءِ هن گيت کي ڳايو ويندو آهي. جنهن جو مقصد ئي هوندو آهي تہ جيڪڏهن ٻار کي ڪِرڻ سان ڪو ڌڪ لڳي ۽ سور ٿئي ٻہ تہ هو ان کي وساري ڇڏي ۽ هلڻ جي ڪوشش جاري رکي. گيت جي آخر ۾ رٻ ناهڻ جي ڳالھہ ڪئي ويئي آهي، رٻ جو ذڪر ممڪن آهي تہ ٻار کي همٿائڻ لاءِ ڪيو ويو هجي، ڇو جو رٻ کائڻ ۾ سوادي هوندي آهي ۽ ٻارن لاءِ غذائيت سان ڀرپور ۽ جلد هضم ٿيڻ واري هوندي آهي. ٻوليءَ جي لحاظ سان هن گيتَ ۾



پيار ظاهر ڪرڻ وارن لفظن جو تمام خوبصورت استعمال ڪيو ويو آهي. جيئن گھوڙڙا، ٽانوڙا ۽ ٻارڙا.

9. **چيڪلو بانگلو:**

هيءُ ٻاراٽو گيت سنڌي ٻوليءَ ۾ الڳ الڳ لفظن ۾ ڳايو ويندو آهي. هي ٻاراٽو- گيت هڪ سال کان ٽن يا چئن سالن جي ٻارن سان تعلق رکي ٿو. ٿيندو ائين آهي، جو ٻار جو ڏاڏو نانو يا چاچو پُنيءَ جي سهاري ليٽي ٻار کي پيرن کان گوڏن تائين ليٽائي، ان کي هيٺ مٿي ڪري جھُولائيندو آهي، هر دفعي جڏهن ٻار مٿي ويندو آهي تہ ڏاڏو چوندو آهي:

چيڪلو بانگلو چيڪلو بانگلو
ناناٽي ويندين يا ڏاڏاٽي؟

هتي ٻار کان پڇيو پيو وڃي تہ هو نانيءَ جي گھر ويندو يا ڏاڏيءَ جي، جنهن تي ٻار جواب ڏيندو:

"ناناٽي"
مطلب نانيءَ جي گھر.

پوءِ ڏاڏو پڇندو تہ:

ناناٽي ناني (چنٽُو/چينوءَ) کي ڇا کارائيندي؟

هتي ٻار جو نالو وٺي، ان کان پڇيو پيو وڃي تہ ڪيس نانيءَ جي هٿن جي ٺهيل ڪھڙي شيءِ کاڌي آهي، جيڪڏهن ٻار چوندو "حلوو" تہ گيت ۾ چئبو آهي:

"ناناٽي ناني (چنٽو/چينوءَ) کي حلوو کارائيندي..."

اهڙي ريت سوال جواب هلندا رهندا آهن. هر ڀيري ٻار نانيءَ يا ڏاڏيءَ جي گهر ويندو آهي ۽ الڳ الڳ مٺائين جو سواد چکي ايندو آهي.

ها! ها! لفظن جو اهو استعمال ڪري ٻارڄڻ سچ پچ مٺائيءَ جو مزو وٺندو آهي. دراصل ان حقيقت ڏانهن منهنجو ڌيان 6_7 سال اڳ ويو. لڳ ڀڳ 6 سال پهرين اسين ڊيڪن ڪاليج جي اسٽاف ڪوارٽرز ۾ رهندا هئاسين ۽ اسان جي پاڙي ۾ کٽمنڊو جي ليڪچرار شريمتي شانتي ٻَسنت رهندي هئي. هوءَ لسانيات (Linguistics) ۾ پي ايچ ڊي ڪرڻ آئي هئي. سندس پٽ اڀيشيڪ جي عمر لڳ ڀڳ هڪ سال هئي. هو اڪثر اسان جي گهر راند ڪرڻ ايندو هو ۽ منهنجي پيءُ کان الاهي ڪهاڻيون ٻڌندو هو. هڪڙي ڏينهن منهنجي پٽ روهتيش کي پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيري اچي پئي ۽ پنهنجي ڏاڏي کي چيائين ته ”بابا اڄ توهان اڀيشيڪ کي چيڪلو بانگلو راند ڪرايو.“ ۽ والد صاحب اڀيشيڪ کي اها راند ڪرائي ۽ هر ڀيري جڏهن هو اڀيشيڪ کان پڇندو هو ته ناني اڀيشيڪ کي ڇا ڇا ٿي کارائي، ته هو هر دفعي الڳ الڳ مٺاين جا نالا وٺندو هو. ان راند ۾ ايڏو ته مزو ايندو هو جو ڏينهن ۾ هڪ ٻه ڀيرا بابا کي چوندو هو ته ”بابا، چيڪلو بانگلو“ بابا ڪڏهن ٻه هن کي مايوس نه ڪندو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اڀيشيڪ جي ماءُ آئي ۽ بابا کان پڇيائين ته ”هي چيڪلو بانگلو آهي ڇا؟ اڀيشيڪ گهر اچي چوي ٿو ته هُن چيڪلو بانگلو ۾ الاهي مٺايون کاڌيون آهن. اڄ هن ٻڌايو ته هن الاهي سارا مامَوچا ٻه کاڌا. اها ته اسان جي نيپالي مٺائي آهي. آنٽيءَ کي ته ٺاهڻ ٻه نٿي اچي. پوءِ اوهان مامَو



ڇا ڪٿان آندا؟“ جنهن تي بابا هن کي راند سمجهائي ۽ جيئن ته اڀيشيڪ ٻه اتي ئي موجود هو ته عملي طرح ان کي راند ڪري ٻه ڏيکاريائين. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. هن چيو ته، ”اوهان جي سنڌي ٻوليءَ جو هي ٻار_گيت ته الاهي خوبصورت ۽ معنيٰ خيز آهي. سندس تعليمي لحاظ کان ٻه وڏي اهميت آهي. ٻار راند راند ۾ ڪيترين ئي مٺاين، فروٽن ۽ ٻين شين جا نالا ٻه سکي ٿو وٺي.“ اهو ٻڌي مون کي هن پياري ٻاراڻي گيت جو اصل قدر معلوم ٿيو. هي ٻه لفظ چيڪلو بانگلو ايڏا طاقتور آهن، جو هي ملڪ ۽ ٻوليءَ جون حدون ٻه تمام آسانيءَ سان پار ڪري سگهن ٿا. مون اهو ٻه محسوس ڪيو ته ٻار وڏي ٿيڻ تي ٻه هن ٻاراڻي گيت جي مزي کي وسارين ڪونه ٿا. روهتيش تڏهن 15 سالن جو هو، جڏهن هن پنهنجي ڏاڏي کي چيو ته اڀيشيڪ کي چيڪلو بانگلو راند ڪرائي. اڄ جڏهن آءُ هن گيت تي نظرثاني ڪرڻ ويٺو آهيان ته هن ننڍڙي ٻاراڻي گيت ۾ سمايل ڏاڏي ڏاڏيءَ ناني نانيءَ، مامي ماميءَ ۽ چاچي چاچيءَ جو پيار ڏسان ٿو. جڏهن مون اڀيشيڪ کان پڇيو ته هن کي چيڪلو بانگلو ۾ ڇا محسوس ٿيندو آهي ته هن بنا ڪنهن هٻڪ جي فوراً چيو ته هن کي جهولو جهولڻ ۾ مزو اچڻ سان گڏو گڏ الاهي ساريون مٺايون ٻه کائڻ لاءِ ملنديون آهن. ان جواب تان مون کي بلڪل ٻه تعجب نه ٿيو ۽ هاڻي ٻه نه ٿي رهيو آهي، ڇو ته ٻار ڪنهن ٻه شيءِ جو مزو وٺڻ لاءِ ساز ۽ ذريعو ڳولي لهندو آهي. جڏهن ننڍڙو ٻالڪ ننڍين ننڍين ڄنگهن جي وچ ۾ ڪاٺ رکي هلندو آهي ته کيس گهوڙي تي چڙهي هلڻ جو احساس ۽ تجربو ٿيندو آهي. اهڙي نموني هو پنهنجي ڏاڏي جو چشمو ۽ جُتي پائي ڏاڏو ٿيڻ جي ڪوشش

ڪندو آهي. ساڳيءَ طرح جڏهن چيڪلو بانگلو ۾ اپيشيڪ ماموچا
ڪائيندو آهي تہ هو تصور جي سهاري ماموچن ڪائڻ جو مزو وٺندو آهي.
ان صورت ۾ ان ڳالهہ ۾ اچرج جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي. مون ڪي تہ ائين
لڳندو آهي تہ هن ننڍڙي ٻار-گيت ۾ ٻولي سکڻ ۽ سيکارڻ جو راز بہ
سمايل آهي، ڇا جي ڪري جو مون الاهي دفعا ڏٺو آهي تہ جڏهن ٻار کي
ڪنهن مٺائيءَ جو نالو نہ ايندو آهي، تڏهن هو ڏاڏي کان پڇندو آهي.
ڏاڏو هن کي واري واري سان ڪيترائي مٺاين ۽ فروٽن جا نالا ٻڌائيندو
آهي. ان نموني ڏٺو وڃي تہ هن ننڍڙيءَ عمر ۾ ٻار ٻولي سکڻ جي طريقي
ڪار جو تجربو بہ حاصل ڪندو پيو آهي. انهيءَ عمر ۾ هن جي ٻوليءَ
جي سکڻ جي رفتار ڪافي تيز هوندي آهي، ۽ ان عمر ۾ ئي هو گهٽي ۾
گهٽا لفظ ۽ فقرا بہ سکندو آهي، ان ڪري هن ٻار-گيت ذريعي ٻار جي
لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو ايندو آهي. ڪيڏندي ڪيڏندي هن گيت ۾
ٻولي سکڻ ئي هن گيت جي اهم خوبي آهي.

هڪڙو اهم سوال هن گيت جي باري ۾ اهو اُٿي ٿو تہ "چيڪلو
بانگلو" لفظن جي معنيٰ ڇا آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع
سنڌي لغات" ۾ "چيڪلو بانگلو" لفظ گڏي تہ ڪونہ ڏنا آهن. پر
فقط "چيڪلو" لفظ ڏنو آهي. جنهن جي هو معنيٰ لکي ٿو تہ، "ٻارن جي
جهولي جو هڪڙو قسم". بانگلو لفظ ان ڊڪشنريءَ ۾ ڪونہ آهي.
دراصل چيڪلو بانگلو هڪ ورجائجندڙ مرڪب لفظ آهي، جنهن ۾
پهرئين لفظ جي تہ معنيٰ آهي، ليڪن ٻيو لفظ بي معنيٰ آهي. جيئن پاڻ
چوندا آهيون: ڀاڄي ٻاڄي، ڏوٻي سوٻي. انهن ٻنهي لفظن ۾ شروع وارا
لفظ بامعنيٰ آهن، جڏهن تہ ٻيا لفظ بي معنيٰ آهن. هتي چيڪلي جي



معنيٰ سان هڪڙي ڳالهہ تہ واضح ٿي وئي تہ ان جو مقصد "جهولو" آهي
۽ هن ٻار-گيت سان 'جهولي جهولڻ' جو فعل جڙيل آهي. آخر ۾ ايترو
چوڻ ضروري آهي تہ هن ننڍڙي ٻاراڻي گيت ۾ ڏاڏي ۽ پوٽي پوٽيءَ جي
پيار سان گڏو گڏ 'گيت' ۽ 'جهولڻ' جو ڏاڍو دلڪش ميلاپ آهي ۽
ٻالڪ کي ٻولي سکڻ جو سٺو موقعو بہ حاصل ٿئي ٿو.[2]

[2] (هيءَ ڳالهہ لڳ ڀڳ 1983ع جي آهي.)

# هڪ ريباري لوڪ گيت

ڪڇ ضلعي ۾ ڪافي اڳ جانورن پالڻ واريون ذاتيون رهنديون هيون، جن مان گهڻيون ذاتيون سنڌي ٻوليءَ جو ڪونہ ڪو لهجو ڳالهائينديون آهن. انهن ۾ ريباري جاتي ڪافي اهم آهي، انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي لهجي ڳالهائڻ وارا مڃڻ جو هڪڙو ڪارڻ اهو بہ آهي تہ ڪڇ سان لڳ سنڌ صوبي (پاڪستان) جي ٿر جي علائقي ۾ ريباري ڪافي تعداد ۾ رهندا آهن. هونئن تہ ڏٺو وڃي تہ اڄڪلهہ گجرات جي ڪافي سارن هنڌن تي انهن جي ٿوري گهڻي آبادي رهي ٿي، پر ڪڇ ۾ اڃا تائين انهن جي آبادي ڪثير تعداد ۾ موجود آهي. هو گهڻو ڪري ٻڪرين ۽ رڍن جا وڏا ڌڻ پاليندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪڙي ئي ڌڻ ۾ هڪ کان ڏيڍ هزار تائين رڍون هونديون اٿن. هونئن ريباري اٺن کي بہ پاليندا آهن. مون پاڻ ريبارين کي 200_300 اُٺن کي گڏ پاليندي ڏٺو آهي. ريباري گهڻو ڪري خانہ بدوش هوندا آهن. ان جي خاص وجهہ بہ اُهوئي آهي تہ انهن وٽ چوپايو مال تمام گهڻو هوندو آهي. انڪري انهن کي هميشہ سفر ۾ رهڻو پوندو آهي. چاجي ڪري جو جانورن جي لاءِ چاري ۽ پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. صدين کان ڪڇ ۾ رهڻ جي ڪري هو اتي جي پاڻيءَ جي قلت وارن علائقن، پاڻي جي چشمن، گاهہ وارن ميدانن ۽ ساوڪ وارين پهاڙين کان چڱيءَ طرح واقف آهن. هميشہ سفر ۾ رهڻ ڪري انهن جا جسم مضبوط، مناسب ۽ چست هوندا آهن. انهن جون عورتون بہ مضبوط ۽ طاقتور جسم جون مالڪ هونديون آهن. مردن ۽ عورتن ٻنهي جون اکيون ۽ نڪ سُهڻا هوندا آهن. انهن جو رنگ بہ ڪافي اڇاڻ مائل هوندو آهي. ٻئي ڪنن



۾ سون جا زيور پائيندا آهن. عورتون اونهاري ۽ سياري ٻنهي ۾ اُن جي لوئي مٿي تي ڪنديون آهن، ان کي هو خوبصورت ڀرت سان سجائيندا آهن. ريباري عورتون ۽ مرد ٻئي الاهي زنده دل ۽ بهادر هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح بہ سنڌ ۾ انهن جي خانہ بدوش هجڻ جي گواهي ڏني آهي:

ريباڙڻ روئي، واڙي وڏا وڇڙا،
سمورا سوئي، هٽي هتان ساٿ ويو.

هن بيت ۾ شاهہ صاحب ’ريباري‘ لفظ جو استعمال ڪيو آهي، جيتوڻيڪ ريبارين جي ٻوليءَ جو سوال آهي، مان پنهنجي ذاتي تجربي تحت چئي سگهان ٿو تہ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ هو سنڌيءَ جي ئي لهجي جو استعمال ڪن ٿا. جيتوڻيڪ ڪڇ ۾ رهڻ وارن تي ڪڇي ۽ گجراتيءَ جو اثر گهڻو نظر اچي ٿو. دراصل هو بہ ٻوليون ڳالهائيندڙ آهن. گجرات رياست جي ٻولي بہ تمام سٺي ڳالهائي سگهن ٿا.

لوڪ گيت انسانن جي جذبن ۽ احساسن کي بيان ڪرڻ جو پُراثر ۽ مضبوط وسيلو آهن. هي ڏک جي گهڙين، سُک ۽ خوشيءَ جي وقت دل کي چيري ان مان نڪرندا آهن. اهڙي جذباتي حالت ۾ دل جو احوال بيان ڪرڻ جو واحد ذريعو مادري ٻولي ئي هوندي آهي. پنهنجي دل جا ڏک سور مادري زبان کان سواءِ ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ اورڻ ناممڪن، نہ تہ مشڪل ضرور لڳي ٿو. انهيءَ ڪري جڏهن سوُڙي ڳوٺ جي ريباري ڀيٽن گڏجي ڳايو تہ:

”الا منهنجي ٻڪري ڪير ڏُهي ويو“

تڏهن مون کي بنا ڪنهن دشواريءَ جي ئي احساس ٿي ويو تہ اهڙا بي ساختہ لفظ تہ ڏک ۽ رنج جي وقت دل مان نڪري زبان تي ايندا آهن ۽ بلڪل اڻ پڙهيل ريٻاري پيڙهن جي منهن مان تہ اهڙا جملا پنهنجي مادري زبان ۾ ئي نڪري سگهن ٿا. جيتوڻيڪ اتي موجود ريٻاري مردن مون کي اهو چوڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي تہ انهن جي مادري ٻولي گجراتي آهي ۽ اُهي تہ ڪڇي ٻولي ڄاڻن ئي نہ ٿا. ليڪن جڏهن ان ڪانپوءِ انهن ٻيو گيت ڳايو ”سنڌ جي سِري تي الا، ڄايون مَ ڌيان“. تڏهن مون انهن کان پڇيو تہ هي ڪهڙي ٻولي آهي تہ انهن سيني يڪراءِ فيصلو ڏنو تہ هيءَ تہ نج گجراتي آهي. ڪوبہ گجراتي ٻولي ڳالهائڻ وارو ان سچائيءَ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهي تہ هيءَ سِڌ گجراتي ٻوليءَ جي ناهي ۽ نہ ئي ڪنهن بہ ڪڇي ٻولي ڳالهائڻ واري کي اهو قبول ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي تہ هيءَ نج ڪڇي ٻولي آهي. اهڙيءَ ريت وري ڪوبہ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارو خوشيءِ سان قبول ڪندو تہ هيءَ سنڌي ٻولي ئي آهي. اهو انڪري جو ڪڇي سنڌي ٻوليءَ جو ئي لهجو آهي. ممڪن آهي تہ اهي ريٻاري گهر ۾ ڪڇي ئي ڳالهائيندا هجن، جيتوڻيڪ اهي گجراتي بہ چڱي طرح ڄاڻندا هوندا.

بدقسمتيءَ سان ٽيپ رڪارڊر ۾ ڪجهہ خرابي هجڻ ڪري هڪڙي سٽ کان سواءِ گيت رڪارڊ ٿي نہ سگهيو. ڪافي ڪوشش ڪانپوءِ بہ اهو لوڪ گيت رڪارڊ نہ ٿي سگهيو. مون کي اهو افسوس هميشہ رهندو. ليڪن ”الا! منهنجي ٻڪري ڪير ڏُهي ويو“ گيت ريٻاري پيڙهن جي دل ۾ ۽ زبان تي هميشہ رهندو. مان ان ڳالهہ جي خاطري ڏيان ٿو.



سُوٿري ڳوٺ ۾ ان ڏينهن جيڪو ريٻاري گيت، ريٻاري پيڙهن ڳاتو اهو انتهائي دلدوز لوڪ گيت هو. ان لوڪ گيت ۾ ريٻاري پيڙهن ڪافي خوبصورت ۽ دل کي ڏوڏي ڇڏڻ وارن جذبن جو اظهار ڪيو آهي:

”ادا سنڌ جي سِري تي
الا! ڄايون مَ ڌيان
الا! ڪالهہ سڄو ڏينهن مون ڪانگ اڏايا
الا! اڄ تہ منهنجا ڪاڪا اچندا،
الا! روئندي رڙندي منهنجا ڪاڪا نہ آيا
الا! رُڪ جا ڳليجا، منهنجا رُڪَ جا ڳليجا
ادا! سنڌ جي سِري تي
الا! ڄايون مَ ڌيان
الا! ڪالهہ سڄو ڏينهن مون ڪانگ اُڏايا،
الا! اڄ تہ منهنجا ماما اچندا،
الا! روئندي رڙندي منهنجا ماما نہ آيا.
الا! رُڪ جا ڳليجا، منهنجا رُڪَ جا ڳليجا،
الا! سنڌ جي سِري تي
الا! ڄايون مَ ڌيان“

مٿي ڏنل سِٽن ۾ تمام سهل لفظن ۾ پيڙهہ پنهنجي پاءُ کي چوي ٿي تہ ’منهنجا ادا! تون پنهنجي ڌيءُ کي سنڌ جي سرحد تي نہ ڌيان. ڪلهہ آءُ سڄو ڏينهن ڪانگن کي اُڏائيندي رهيس. مون کي ڪانگن کي ڏسي ائين لڳو هو جڻ تہ منهنجو اَبو/ ڪاڪو منهنجي گهر ايندو. ڪاش! هو اچي ها. آءُ روئندي رهيس، لُڙڪَ وهائيندي رهيس، پر

منهنجو اَبو/ ڪاڪو آيو. هاڻي تہ ائين ٿو لڳي ڄڻ منهنجي دل رُڪَ جي ٿي وئي آهي.“ آخري سِٽ انتهائي دل رنجائيندڙ آهي. ريباري پيڻ، جنهن جو وهانءُ سنڌ ڪيو ويو آهي، هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ طرفان ڪيہ نياپو نہ ملڻ تي قابلِ برداشت تڪليف جو اظهار ڪري ٿي، تہ هن جي دل تہ هاڻي رُڪَ جهڙي ٿي وئي آهي. رُڪَ، لوهہ کي پچائي ناهبو آهي. هن گيت ۾ جتي ’ڪاڪا‘ لفظ استعمال ٿيو آهي، ان جي جاءِ تي چاچا، ماما ۽ ٻين سڳن رشتن جو حوالو ڏيئي، ان گيت کي ڊيگهہ ڏني ويندي آهي. ليڪن هن گيت جي ٺاهڻ واريءَ جو مرڪزي خيال اهو ئي آهي تہ:

ادا! سنڌ جي سِري تي
الا! چايون مَ ڏجان!“

مطلب ’منهنجا ادا پنهنجي ڌيءُ کي سنڌ جي سرحد/ ڪناري تي نہ ڏجان!“..... ان ڪري بار بار هنن سِٽن کي ورجايو ويو آهي.

هن گيت ۾ پيڪن جي پيار ۽ انهن جي جدائيءَ جي ڏک کي پر اثر لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. پر حقيقت ۾ هن گيت کي سمجهڻ لاءِ وقت جي چاپيءَ کي سؤ يا ڏيڊ سؤ سال پويان گهمائڻو پوندو. ان زماني ۾ نہ تہ فون هو ۽ نہ ئي وري STD هو. اچڻ وڃڻ لاءِ بہ ڪي خاص ذريعا نہ هوندا هئا، ريل بہ نہ هئي. ان دؤر ۾ 50 ڪلو ميٽر بہ وڏي ڳالهہ هوندي هئي. مون کي ان باري ۾ يورپ جي هڪڙي اسڪالر جي مشڪلات جو مثال ياد اچي رهيو آهي. هو سُور داس جي شاعريءَ تي تحقيق لاءِ منشي انسٽيٽيوٽ آگري ۾ آيو هو. هن کي گوپين جي غمزدگيءَ جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي. هن هڪڙي ڏينهن هڪڙي



پروفيسر کي چئي ڏنو ”آخر گوپين کي ايڏو رنج ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ڪِرشڻ مٿرا[1] ئي تہ ويو هو جيڪو وندراون (بندرابن)[2] کان ڪجهہ ڪلوميٽر جي ئي تہ فاصلي تي آهي. گوپيون ٻيو ڪٿي ڪرشڻ سان نہ ٿي ملي سگهيون تہ رستي پنڌ ۾ ڪو هوٽل يا ريسٽورينٽ تہ هوندو ئي، اتي ئي ملي وٺن ها.“

ان ئي يورپين اسڪالر وانگر شهرن ۾ رهڻ وارا ريباري، پيڻ جي تڪليف کي نہ سمجهي سگهندا، ڇو تہ اڄڪلهہ تہ ڌيئرون پنهنجي ماءُ پيءُ سان ملڻ لاءِ 200/100 ڪلوميٽر جو فاصلو خود ئي ڪار هلائي طئي ڪري وٺن ٿيون ۽ جيڪڏهن فاصلو تمام گهڻو آهي تہ ڪجهہ ڪلاڪن ۾ هوائي جهاز ذريعي پهچي سگهن ٿيون. ۽ جيتري قدر ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو سوال آهي تہ ان لاءِ STD / فون ذريعي جڏهن چاهين ۽ جيتري دير چاهين ڳالهائي سگهن ٿيون. ان ڪري اسان کي ريباري پيڻ جي تڪليف کي سمجهڻ لاءِ ان دؤر جي حالتن کي سمجهڻو پوندو. ڪڇ کان سنڌ ۾ پهچڻ لاءِ وچ ۾ رڻ کي پار ڪرڻو پوندو آهي.ان دؤر ۾ فون ۽ STD جو تہ سوال ئي ڪونہ هو[3]. ان ڪري ريباري پيڻرن لاءِ 50 يا 100 ڪلوميٽر جي دوري تمام وڏي ڳالهہ هوندي هئي. اُهي مهينن ۽ سالن تائين پنهنجن ماءُ پيءُ ۽ پيڪن جي ٻين فردن کان ڪيئن ڪٽيل رهنديون هيون، ان جي جهلڪ هن گيت ۾

(1) هڪ مشهور ياترا آستان جو نالو جتي شِري ڪرشڻ پيدا ٿيو هو.

(2) مٿرا جي ويجهو هڪڙي جهنگ جو نالو جتي گوڪل مان نند جي ۽ شري ڪرشڻ وغيره سمورا گوالا (ڳنوار) وچي آباد ٿيا هئا.

(3) هاڻي تہ موبائل (Cellular) اچي ويو آهي.

چِٽي نظر اچي ٿي. هونئن به ڪنهن به تخليق کي سمجهڻ لاءِ ان دؤر جي حالتن جو جائزو وٺڻ ضروري هوندو آهي.

**ٿورا:**

آءٌ سُوڙري ڳوٺ جي هيڊ ماستر شِري رَوي پيتاڻيءَ جو تمام گهڻو شُڪرگذار آهيان، جنهن مون کي ريبارين تائين پهچايو ۽ متي ڏنل لوڪ گيتن کي گڏ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. جڏهن ته "الا! منهنجي ٻڪري ڪير ڏُهي ويو" پورو رڪارڊ نه ٿي سگهيو. ان جي سموري ذميواري مون تي آهي.

**حوالي جو ڪتاب:**

ڪلياڻ آڏواڻي "شاهه جو رسالو"، هندوستان ڪتاب گهر، بمبئي ڇاپو پهريون، سال 1985ع.



# جتن جا لوڪ گيت

ڪڇ جي ٻين ڳوٺن ۽ شهرن ۾ جت برادري رهندي آهي. ڪڇ جي ٻنيءَ علائقي ۾ انهن جا ڪيترائي ڳوٺ آهن. هتي جا سڀئي جت چوپايو مال ڌارڻ جو ڪم ڪندا آهن. ڪڇ ۾ رهڻ وارا جَتَ نج سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. درحقيقت ٻنيءَ ۾ رهڻ وارا جڏهن "ڀُڄ"، "نَکتِراڻا" وغيره هنڌن ڏانهن ويندا آهن ته انهن کي "سنڌي" ئي چيو ويندو آهي. هي ڀارت جي ورهاڱي وقت ڀارت جي سرحد اندر هئڻ ڪري ڀارتي رهواسي ليکيا وڃن ٿا. ٻنيءَ جا جت تمام گهڻا روايتي ۽ پڪا آهن. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل دنيا جو قديم ساز "بوڙيندو" هزارن سالن کان ٻنيءَ ۾ وڄايو پيو وڃي. اڄ به "لوٽان" ڳوٺ ۾ موسيٰ جت "بوڙيندو" ناهڻ جو ماهر ته آهي ئي، پر ان سان گڏو گڏ هو اُن ساز تي سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جا 33 ئي سُر وڄائي سگهي ٿو. ٻنيءَ ۾ ويهين صدي عيسويءَ ۾ سٺا سٺا شاعر به ٿي گذريا آهن، جن ۾ "ڇڱو جت" ڪافي مشهور آهي. هن وقت به حاجي سليمان ۽ حاجي جمُلڻ سٺا شاعر آهن. حاجي سليمان جا به شعري مجموعا گجرات سنڌي اڪيڊميءَ پاران شايع ٿي چڪا آهن.

ڪڇ ۾ جتن جي آبادي ڪيتري آهي، ان بابت ڪجهه چوڻ مشڪل آهي. پر جتن جو خود چوڻ آهي ته ڪڇ ۾ سنڌن آبادي لڳ ڀڳ هڪ لک آهي. ٻنيءَ جي جتن جي جيڪا ڳالهه مون کي ڪافي پرڪشش لڳندي آهي، اها آهي سنڌن سنڌي تهذيب جي ڪيترن ئي رُخن سان لڳاءُ جهڙوڪ: بوڙيندو، چنگ، ڪاني ۽ پاوا وغيره. جن کي

جتن اجا تائين سنڀالي رکيو آهي. ان کان سواءِ انهن سنڌي لوڪ گيتن جي بہ هر قسم کي سنڀالي رکيو آهي، جهڙوڪ: ڳجهارت، بيت، ڪافي، ڏور، ٽيهہ راتيون، مهينا، هفتا ڏينهن وغيره. جن کي ڪنهن بہ ڳوٺ ۾ وڃڻ وقت رات جو ڪچهري ۾ ٻڌي سگهجي ٿو. اڄ بہ سنڌي لوڪ ادب جي داستانن جي (سورمن ۽ سورمين) کان جتن جو ٻار ٻار چڱيءَ ريت واقف آهي. جتن جي اڪثريت پڙهيل لکيل ڪانهي پوءِ بہ هو سنڌ تهذيب ۽ سنڌي جي تاريخ کان واقف آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو جڏهن بہ آءٌ انهن جي ڳوٺن ۾ رهندو هئس تہ مون کي سندن مائرن ۽ ڀينرن جا ڳايل گيت گڏ ڪرڻ جي شديد خواهش رهندي هئي. مون سندن وهانءُ جا گيت سهيڙيا، جن کي گجرات سنڌي اڪيڊميءَ پاران ڇپايو ويو آهي.

هتي جتن جي وهانءَ —گيتن جو تفصيل پيش ڪيو ويو آهي.

جتن جي ٻوليءَ ۾ وهانءُ گيت کي ”ڳيجهہ“ (ڳيچ) چيو ويندو آهي. ’ڳيجهہ‘ لفظ درحقيقت سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ ”گيت“ مان نڪتو آهي ڪڇ جي ڪيترن ئي مسلمانن جاتين ۾ ان سان ملندڙ لفظ ملن ٿا. سومرا وهانءَ_گيتن کي ”گيت“ چوندا آهن. سَما ۽ ڪجهہ ٻيون ذاتيون ان کي ”ڳيچ“ چونديون آهن. ڪڇ ۾ هندو سوڍا وهانءَ گيتن کي ”گيت“ چوندا آهن. جتن جا ’ڳيچ‘ خوشيءِ کي ظاهر ڪرڻ جا گيت آهن. جن مان انهن گيتن کي رچيندڙ جو ڪٿي بہ نالو نشان نہ ٿو ملي. انهن کي ڪڏهن رچيو ويو. ان جو پتو ڪنهن کي بہ ڪونهي. پڇڻ تي هميشہ اهوئي جواب ملندو هو تہ ”هي تہ نڪاح جي وقت سالن کان ائين ئي ڳائبا پيا اچن“. پر ان ڳالهہ جي گواهي سڀ ڏئي



رهيا هئا تہ، ڳيجهن تي عورت ذات جوئي قبضو آهي ۽ مردن کي انهن ۾ ليئي پائڻ جي اجازت بہ ناهي . نڪاح وقت جتن جون عورتون ”ڳيچ“ ڳائينديون آهن تہ مرد وري ”مولود“ ڳائيندا آهن. مولود دراصل حضرت محمد ,مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي تعريف ۾ ڳايل گيت هوندا آهن. هيٺ ڳيجهن جي انيڪ رُخن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي:

1. **ڀيڻ جو ڀاءُ سان پيار:**

ڀيڻ ڀاءُ جو پيار پاڪ محبت جو رشتو مڃيو ويندو آهي. ڀاءُ جي وهانءَ مهل ڀيڻ کي ڪيڏي خوشي ٿيندي آهي. ان جو علم سڀنيءَ کي هوندو، ڇو تہ ڀارت جي هر هڪ ٻولي ان نموني جي لوڪ گيتن سان ڀري پئي آهي. جتن جي گيتن ۾ بہ اهڙو ئي هڪ گيت آهن جنهن ۾ ڀيڻ چوندي آهي، ”مان پنهنجي ڀاءُ جي وهانءَ ۾ جهانجهر ڇونہ پايان، منهنجي ڀاءُ کي ميندي لڳائي پئي وڃي. مان کهنبي رنگ جا ڪپڙا ڇو نہ پهريان، منهنجي ڀاءُ کي ميندي لڳائي پيئي وڃي. اهڙي وقت تي آءٌ گلي ۾ هار ڇو نہ پايان.“هي گيت سنڌيءَ ۾ هن نموني چيو ويندو آهي.

”سوڍل کي ميندي ٿي ملجي......“

ادا جي شاديءَ ۾ جهانجهر ڇو نہ پايان،
واهہ واهہ سوڍل کي ميندي ٿي ملجي!
دادا جي شاديءَ ۾ کهنبا ڇو نہ پايان
واهہ واهہ سوڍل کي ميندي ٿي ملجي!
ڀاءُ جي شاديءَ ۾ دهُري ڇو نہ پايان

منهنجي سوڍل کي ميندي ٿي ملجي!
منهنجي ادل کي ميندي ٿي ملجي!

مٿي ڄاڻايل لوڪ گيت ۾ اڳتي ڀيڻ پنهنجي خوشيءَ کي ظاهر ڪندي چوي ٿي ته هوءَ پنهنجي ڀاءُ جي شاديءَ ۾ ڪيترن سارن ماڻهن کي سَڏَ ڏيندي هوءَ موتي ۽ جواهر "گهور" ۾ ڏيندي. (گهور جو مطلب اڳتي سمجهايل آهي) ايترو ئي نه، جنهن سيج تي سندس ڀاءُ ويهندو اها به هيرن ۽ موتين سان جڙيل هوندي.

2. **گهوٽ گهوڙي تي چڙهيو:**

سنڌ ۾ اهڙي رسم هئي ته گهوٽ وِهانءَ وقت گهوڙي تي ويهي ڪنوار جي گهر ويندو هو. اڄ ڪلهه شهرن ۾ اها رسم ختم ٿي ويئي آهي. ليڪن جتن ۾ اها رسم اجا تائين هلندي اچي. ان جو ذڪر هيٺ ڏنل لوڪ گيت ۾ ڪجي ٿو:

"گهوٽ چڙهيو گهوڙي"

"گهوٽ چڙهيو گهوڙي!
ڄاڃي ڄام پُنهل جا
گهوٽ چڙهيو گهوڙي
گهوڙو منهنجي گهوٽ جو
نچيو ناز ڪري
گهوٽ چڙهيو گهوڙي!
اديون گهوٽ چڙهيو گهوڙي
ماڻڪ اڇلايان مينهن جيان



موتين ٿالهه ڀري!
گهوٽ چڙهيو گهوڙي!
اديون گهوٽ چڙهيو گهوڙي
جيءُ منهنجي راڻل کي
سنهڙي سيج سَري
"گهوٽ چڙهيو گهوڙي!
اديون گهوٽ چڙهيو گهوڙي"

3. **هلڪا ڪهنبا ڪپڙا پائڻ:**

سنڌي هندُن ۽ مسلمانن ۾ وهانءَ جي موقعي تي هلڪي ڪهنبي ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا پهرڻ ڪافي مبارڪ سوڻ سمجهيو ويندو آهي، جتن ۾ به ان طرح جي رسم آهي. ان جو ذڪر هيٺين گيت ۾ ٿيل آهي.

"ڪُهنبا ادل جا
سيوهڻ مان ٿي آيا
ڪُهنبَن جوڙ بنائي
رب اڳڻ وسائي"!

4. **سَهرو ٻڌڻ:**

سنڌي هندو وهانءَ ۾ سهرو (موڙ) ٻڌڻ لازمي سمجهندا آهن. جتن جي ٻوليءَ ۾ سهري کي "موڙ" چوندا آهن ۽ وهانءَ جي وقت جتن ۾ صرف گهوٽ ئي "موڙ" ٻڌندو آهي ان جو ذڪر ڪيترن ئي لوڪ گيتن ۾ ملي ٿو.

هتي هڪ مثال ڏسو:

”منهنجا ننڍڙا لاڏا
تنهنجي موڙ تان قربان وڃان“

موڙ تي قربان ٿيڻ، پيءُ جي خوشيءَ جي اظهار جو بهترين مثال آهي.

5. **ميندي آڻڻ:**

وهانءَ جي وقت سنڌي هندن ۾ گهوٽ کي ميندي هڻڻ جي رسم ڪانه ٿيندي آهي، پر سنڌ جي ڪافي مسلمان ذاتين ۾ گهوٽ کي ميندي هڻڻ جي رسم هئي، (۽ آهي) جتن ۾ اڄ به اها رسم رائج آهي. ۽ جتن جي ان رسم جي خاص ڳالهه اها آهي ته گهوٽ جا ڀائر، چاچا، ماما، پيڻرون وغيره ميندي ٿالهي کڻي ايندا آهن ۽ گهوٽ کي هڻندا آهن. ان ڳالهه جو ذڪر هيٺ ڏنل لوڪ گيت ۾ واضح نظر اچي ٿو:

”ميندي ادل جي ڀائرن آندي
لائينم لال ملوڪ
لائينم خان ملوڪ!
ميندي ادل جي ڪاڪن آندي
لائينم لال ملوڪ
لائينم خان ملوڪ!
ميندي ادل جي مامن آندي
لائينم لال ملوڪ
لائينم خان ملوڪ
ميندي ادل جي پيڻن آندي



لائينم لال ملوڪ
لائينم خان ملوڪ
ميندي ادل جي راڄن آندي
لائينم لال ملوڪ
لائينم خان ملوڪ“

6. **گهور:**

سنڌين ۾ گهور جي رسم سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ٻنهي ۾ هلندڙ هئي. خوشيءَ جي موقعي تي گهوٽ جا مائٽ پئسن کي گهوٽ جي سِر تان گهمائي حجام يا دهل وڄائيندڙ مڱڻهار کي ڏيندا آهن ۽ ان طريقي سان پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن:

”منهنجي ادل تان گهور گهوريان
اديون ادل تان گهور گهوريان
گهور گهوريان، ماڻڪ ورهايان
اديون ادل تان گهور گهوريان
آءٌ ته پنهنجي راڻل لاءِ راڄ گهرايان
اديون ادل تان گهور گهوريان
ڏاج سهڻل جو سڀ کي ڏيکاريان
اديون ادل تان گهور گهوريان
ڪونج ڪنوار تنهن کي آءٌ پرڻايان
اديون ادل تان گهور گهوريان
سندس گاديءَ تي موتي مڙهايان
اديون ادل تان گهور گهوريان“

هڪ ٻئي لوڪ گيت ۾ پيڻ چوي ٿي تہ هوءَ تہ پنهنجي پاءُ يعني گهوٽ تان موتين کي گهوريندي!

”ادل تان گهور گهوريان
منهنجي ادل تان گهور گهوريان
اديون ادل تان گهور گهوريان
گهور گهوريان، ماڻڪ ورهايان
اديون ادل تان گهور گهوريان“!

7. ڄڃ:

پراڻي زماني ۾ ننڍڙا ڳوٺ ۽ شهر هوندا هئا، ان ڪري اهڙي رسم هئي تہ گهوٽ گهوڙي تي ويهندو هو ۽ ڄاڃي ان جي پويان هلندا هئا. اڪثر سڄي ڳوٺ يا شهر جو چڪر (سرگس) لڳايو ويندو هو. ان جو ذڪر ڏاڍو سهڻي نموني هيٺئين وهانءَ جي لوڪ گيت ۾ ڪيو ويو آهي:

”ڄڃ آئي ڙي بنا“
ڄڃ آئي ڙي بنا
ڪوٽ برابر ڄڃ آئي
ڄڃ آئي ڙي بنا!
تنهنجي شهر برابر ڄڃ آئي
ڪوٽ برابر ڄڃ آئي
ڄڃ آئي ڙي بنا
تنهنجي باغ برابر ڄڃ آئي



ڪوٽ برابر ڄڃ آئي
ڄڃ آئي ڙي بنا
تنهنجي محل برابر ڄڃ آئي
ڪوٽ برابر ڄڃ آئي
ڄڃ آئي ڙي بنا
تنهنجي سيج برابر ڄڃ آئي
ڪوٽ برابر ڄڃ آئي
ڄڃ آئي ڙي بنا“!

هن لوڪ گيت ۾ ڪافي سٺيءَ طرح ڄڃ جو هڪ هنڌ تان گذرڻ ٻڌايو ويو آهي.

8. **سمهڻ جو پلنگ**:

سنڌيءَ ۾ جتي گهوٽ ڪنوار پنهنجي شادي جي پهرين رات گذاريندا آهن، ان کي ”سيج“ چيو ويندو آهي. ليڪن جتن جي ٻوليءَ ۾ ان کي ”سيج“ ڪوٽبو آهي. هي گيت ڏسون ٿا:

جُهوجها پائُر لاڏي جا
سوني سيج ماڻيندو
نياڻيون گهُرائيندو
هندوري ۾ لُڏندو
ڪُنبا گهرائيندو
سوني سيج ماڻيندو
نياڻيون گهُرائيندو

اينڊا پائر سوڍل جا
سوني سيج ماڻيندو،
نياڻيون گهُرائيندو،
هندوري ۾ لُڏندو“!

هتي سوني پلنگ جي خواهش ڪئي وئي آهي. وِهانءَ جهڙي موقعي تي اهڙي خواهش ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. هونئن به وهانءَ جي موقعي تي اهڙي ئي اميد ڪئي ويندي آهي ته گهوٽ ڪنوار جي زندگي خوشگوار ۽ خوشحال ٿئي. سوني پلنگ جي خواهش جو تعلق گهوٽ ڪنوار جي سدائين دولتمند ۽ سٺي حال ۾ رهڻ سان آهي.

### 9. وگهي ماڻ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”وگهي ماڻ“ هڪڙو محاورو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته گهوٽ ڪنوار ازدواجي زندگيءَ جو پورو پورو مزو وٺن ۽ هميشه سکي رهن. سنڌي هندو ”وگهي ماڻ“ کي ”وني ماڻ“ چوندا آهن. ”وگهي ماڻ“ بابت الاهي پيارو وهانءُ گيت آهي:

”ڪٽي نيڻ نازڪ لاڏو وگهين ماٽي
لاڏو سدا وگهي ماٽي
وگهيءَ جو شان اڄ لاڏو
لاڏو سدا وگهين ماٽي
بينسري جوڙايم گهوٽ لاءِ
بينسري جو شان اڄ لاڏو
لاڏو سدا وگهي ماٽي



پڳ ٻڌايم سوڍل کي
پڳ تنهنجو شان اڄ
لاڏو سدا وگهين ماٽي“

### 10. رخصتي:

ڏيءَ جي وهانءَ جي آخري گهڙين ۾ ٿيندي آهي ان جي رخصتي. ڏيءَ جي رخصتي ته پارت جي ڪيترن ئي سماجن ۽ فرقن ۾ دل کي ڇهندڙ ٿيندي آهي. هيٺ رخصتيءَ جي لوڪ گيت ۾ دل ڏڪائيندڙ لفظن ۾ پيڻ جي پاءُ، ماءُ ۽ ٻين پيارن کان جدائيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

”ڏيءَ وڃي ٿي پرديس،
مائٽ ڏيو ڏيءَ کي موڪل!
لاڏي وڃي ٿي پرديس
پائر ڏيو پيڻ کي موڪل!
ڪنوار وڃي ٿي پرديس
اديون ڏيو پيڻ کي موڪل
وڃي سک ماڻي ساهوري
جيجل ڏي ڏيءَ کي موڪل!
وڃي پنهنجو اڱڻ وسائي
ادل ڏي ڏيءَ کي موڪل!“

مٿي تمام سولن لفظن ۾ سيني مٿن مائٽن سان وِداڪيءَ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. هن گيت جي هڪڙي سِٽ ”وڃي سُک ماڻي

ساهوري“ مان جتي ڪنوار کي سُک ملڻ جي نيڪ تمنا ظاهر ٿئي ٿي، اتي ئي ان سان گڏ ٿوري خوف جي جهلڪ بہ ملي ٿي. ان کان پوءِ واري سِٽ ۾ ”وڃي پنهنجو اڱڻ وسائي“ ۾ هڪڙي طرح سان نيڪ خواهش ڪئي وئي آهي تہ ڪنوار وڃي پنهنجو اڱڻ آباد ڪري. حقيقت ۾ اهائي تہ ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ ۽ ٻين سڄڻ مائٽن جي دلي آرزو هوندي آهي تہ انهن جي لاڏلي ساهرن ۾ وڃي سُکي ٿئي.

11. **لاڪيٽي لوئي:**

”هيءَ منهنجي لاڪيٽي لوئي“ . هن گيت جي باري ۾ مون کي چيو ويو تہ هيءُ گيت بہ وهانءَ وقت ئي ڳايو ويندو آهي. اچو تہ پهريان هن گيت کي ڏسون:

”هيءَ منهنجي لاڪيٽي لوئي
مارُو تو رات رڳائي لوئي
لوئيءَ جو ملهہ ناهي ڪو مَٽ
مارُو تو رات رڳائي لوئي!
هيءَ منهنجي لاڪيٽي لوئي!
رڱ واري رڱي ڪتڻ واري ڪتي
لاک نہ مٽايو رنگ
مارُو تو رات رڳائي لوئي
پنجن سَوَن جو پٽورو
لک وڪاٽي لوئي
مارُو تو رات رڳائي لوئي



هيءَ منهنجي لاڪيٽي لوئي
هئي تنهنجي ٻر ۾ لوئي
مارُو تنهنجي ٻر ۾ لوئي
هيءَ منهنجي لاڪيٽي لوئي
مارُو تو رات رڳائي لوئي
هيءَ منهنجي لاڪيٽي لوئي“!

مٿي ڏنل لوڪ گيت ۾ ”لوئي“ يعني ”شال“ لفظ کي علامت طور استعمال ڪيو ويو آهي. دراصل سنڌ ۽ ڪڇ ۾ ربباري ۽ ٻين ڪڇ جي جاتين جون پرڻيل عورتون لوئي پائينديون آهن. سنڌ ۾ اهو مڃيو ويندو آهي تہ لوئي پرڻيل عورت جي پاڪيزگي جو تحفظ آهي. ان کي ”لوئيءَ جي لڄ“ چيو ويندو آهي. ان ئي گيت ۾ لکن مَٽ لوئيءَ جو استعمال ٿيو آهي. عورت چوندي آهي تہ جيڪا لکن جو مَٽ لوئي مون کي منهنجي مُڙس رات جو رڳائي ڏني آهي، ان جو ملهہ ڪنهن بہ قيمت برابر ڪونہ آهي، جيتوڻيڪ ان جو ملهہ پنج سؤ هوندو پر ان جي حقيقي قيمت لکن کان بہ وڌيڪ آهي. يعني لکن سان بہ ان جو مقابلو ناهي. سندس مڙس ڪيس شاديءَ جي رات جيڪا ”لاڪيٽي لوئي“ ڏني آهي، ان کي ڪنهن مُلهہ سان نٿو ڀيٽي سگهجي. آخرين ٻن سِٽن ۾ هوءَ چوي ٿي تہ اها لوئي ڪيس پنهنجي مُڙس سان گڏ رهڻ ڪري حاصل ٿي آهي.

هيءَ ”لاڪيٽي لوئي“ دراصل عورت جو پنهنجي مڙس سان پاڪيزگي ۽ ان ڏانهن ٿيندڙ فرضن کي نڀائڻ واري رشتي جي علامت آهي. ان سان سچائي، ايمانداري ۽ بي داغ زندگي گذارڻ واري عورت

جي پُختي ارادي ۽ مضبوط يقين جي نشاني آهي اها ”لاڪيٽي لوئي“. انهن ئي احساسن جو خوبصورت تذڪرو هن لوڪ گيت ۾ تمام سهڻن ۽ موزون لفظن ۾ ڪيو ويو آهي.

### 12. سنڌ جي شهرن جو ذڪر:

ٻني ڪڇ ضلعي ۾ اچي ٿي ۽ ملڪي زاويي جي لحاظ کان ڪڇ ڪڏهن به گجرات سان ڳنڍيل نه رهيو هو. اهو هميشه سنڌ جو ئي حصو رهيو آهي. تهذيبي نقطهٔ نگاهه سان به ڪڇ جي سڄي علائقي جو سنڌ سان ئي تعلق رهيو آهي. خاص طور ٻني علائقي جا تجارتي لاڳاپا سنڌ سان ئي ڳنڍيل آهن. ڀارت ۽ پاڪستان جي ورهاڱي تائين ٻنيءَ جي ماڻهن پُڄ به نه ڏٺو هو. اهو مون کي ٻنيءَ جي گهڻن ئي بزرگن ٻڌايو.ان ڪري جَتن جي گيتن ۾ سنڌ جي شهرن ۽ علائقن جو ذڪر آهي ۽ ڪٿي به ڪڇ جي ڪنهن شهر جو نالو نه آندو ويو آهي. مثلاً: هيٺيون سٽون ڏسو جن ۾ ڪيترن ئي شهرن جا نالا ورتا ويا آهن:

”دهريون ادل جون لاڙڪاڻئون گهرايان“
يا
”موڙ ادل جا سيوهڻئون گهرايان“
يا
دهريون ادل جون لاڙئون گهرايان“
يا
ننيڙا نه وڄ لاڙ“!

متي لاڙڪاڻي ۽ سيوهڻ شهرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي،



جيڪي ان وقت (هن وقت به) جا مکيه شهر هئا. سنڌ جو هڪڙو اهڙو به علائقو آهي، جتي ٻنيءَ جي جتن جا وڏا وڏا قافلا ويندا هئا ۽ اهو آهي لاڙ جو بدين شهر. بدين 1946ع کان پهرين تمام وڏو واپاري مرڪز هو، جتي ٻنيءَ جا جت اصلي گيهه وڪڻي پنهنجي ضرورت جون شيون خريد ڪندا هئا. هاڻي ته 35_40 سالن کان لاڙڪاڻي وڃڻ ممڪن ئي نه رهيو آهي ۽ هاڻي ٻنيءَ جو واپار پُڄ ۾ نکتراڻا سان ئي ٿيندو آهي، پر جتن جي وِهانءَ گيتن ۾ ڪا به تبديلي نه ڏٺي ويئي آهي.

### ڳجهارت:

ڪڇ جا سنڌي ڳوٺ يعني اهي ڳوٺ جتي رهڻ وارا سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. انهن ۾ اڄ به سنڌي تهذيب جيئن جو تيئن موجود آهي . اهائي سنڌ واري رهڻي ڪهڻي، اهي ئي ريتون رسمون ۽ اهو ئي ساڳيو شان مان اڄ به ٻنيءَ جي ڳوٺ ۾ ڏٺو وڃي ٿو. لوڪ ادب جي ميدان ۾ ٻني سنڌ کان به وڌيڪ پنهنجي مٽيءَ سان جڙيل آهي. اهو آءُ ان آڌار تي چئي رهيو آهيان، جڏهن منهنجون ٻنيءَ جي لوڪ تهذيب جي ڪيترن ئي رُخن تي لکڻيون، سنڌ جي ماهوار رسالن ۾ ڇپيون، تڏهن سنڌ جي ڪيترن ئي دانشورن ۽ عالمن مون کي چيو ته سنڌ جو تهذيبي ورثو سنڌ ۾ هاڻي آخري پساهن ۾ آهي، پر ٻنيءَ ۾ اڄ به ڪيئي شيون جيئن جو تيئن زنده آهن. انهن سيني ۾ مکيه آهي ”ڳجهارت“. گذريل 25 سالن کان آءُ جڏهن به ٻنيءَ ويندو آهيان ته سموري رات ڳجهارتن جا دور هلندا آهن. 1990ع ۾ منهنجي ۽ شري لالجي هِمٿوجيءَ جي ڀاران گڏ ڪيل ڳجهارتن جو چونڊ مجموعو، گجرات سنڌي اڪيڊميءَ ڀاران ڇپيو هو. سنڌي لوڪ ادب جي هن

اهم صنف (Gender) ٻجھارت تي هتي روشني وڌي وڃي ٿي:

**ٻجھارت ـ هڪ زباني فن:**

ٻجھارت اصل ۾ زباني ادب جو حصو آهي. هونئن ته لوڪ ادب زباني ئي هوندو آهي، پر لوڪ ادب جي ٻين صنفن ۽ ٻجھارت ۾ تمام گھڻو تفاوت آهي. لوڪ ادب جي بيتن، هفتن، ڏينهن، مهينن يا ٽيهه راتين ۾ هڪڙو پيش ڪرڻ وارو هوندو آهي. ان ڪي اسان هڪ طرفي ڪارڪردگي مڃي سگھون ٿا. ٻيو اهم فرق اهو آهي ته ٻجھارت کان سواءِ لوڪ ادب جي ٻين صنفن کي ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي ته ڪتاب پڙهي به مزو وٺي سگھجي ٿو. اڄ جي دؤر جي ٽيڪنيڪ مان فائدو وٺندي مٿي بيان ڪيل سڀني صنفن جون آڊيو وڊيو ڪيسٽون تيار ڪيون وڃن ته انهن کي ٻڌي ۽ ڏسي پرپور مزو وٺي سگھجي ٿو. پر ٻجھارت ۾ اهو ممڪن ناهي ڇا جي ڪري جو ٻجھارت هڪ طرفي ڪارڪردگي ناهي. ان ۾ ٻجھارت پيش ڪرڻ وارو هڪڙو ماڻهو هوندو آهي. پر اتي موجود ٻيا ماڻهو فقط ٻُڌڻ وارا نه هوندا آهن. بلڪِ انهن مان ڪيترا پاڻ ئي ٻجھارت جو حل ڪڍڻ ۾ وڏو ڀاڱ (حصو) وٺندا آهن. جڏهن ٻجھارت اتي جي ماڻهن جي سامهون پيش ڪئي ويندي آهي ته اها سڀني ماڻهن جي ملڪيت ٿي ويندي آهي ۽ ڪو به ان جو حل ٻڌائي سگھندو آهي. دراصل اتي موجود سڀئي ڄڻا ٻجھارت ٻڌندي ئي ان جو حل ڳولڻ ۾ لڳي ويندا آهن ۽ هر ڪو اهو ئي چاهيندو آهي ته پهرين اهو ئي حل ٻڌائي وٺي، خود حصي وٺڻ وارو. هي عمل ٻجھارت تي لکيل ڪتاب پڙهڻ سان ممڪن نه آهي. نه ئي وري ان جو مزو ٻجھارت جي آڊيو ٻڌڻ يا وڊيو



ڏسڻ سان ملي سگھي ٿو. ان جي ڪري ٻجھارت جو اصل مزو ڪچهريءَ ۾ ويهي ٻجھارت پيش ڪرڻ ۾ ۽ حل ڳولڻ ۾ ئي آهي. ان ڪري ئي ٻجھارت لوڪ ادب ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿي.

**ٻجھارت ۽ برابريءَ جو تصور:**

ٻجھارت جي پيش ڪرڻ ۽ ان کي پُڇڻ يا حل ڪرڻ جي طريقه ڪار ۾ مون جيڪا سڀ کان وڏي خوبي ڏٺي، سا آهي برابريءَ ۽ مساوات جي جھلڪ. ٻجھارت کي پيش ڪرڻ ۽ ان جي حل ڳولڻ لاءِ ڪنهن به مذهب، جاتيءَ عمر ۽ عهدي جي فرق جو ڪو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. اتي موجود هر انسان کي هڪ جيترو حق حاصل هوندو آهي. جنهن سماجي برابري لاءِ اڄ جي روزاني اخبارن ۽ رسالن ۾ گھڻو ڪجھ لکيو ويندو آهي. اها سماجي برابري ٻجھارت ۾ ڪيترين ئي صدين کان هلندي پئي اچي. ٻجھارت جڏهن پيش ڪئي ويندي آهي تڏهن ائين نه ٿيندو آهي ته سڀ کان اڳ ڪو سربراهه، وڏو زميندار يا ڪو پڙهيل لکيل آفيسر ئي ان جو حل ڪڍڻ جو حق رکي ٿو. مون ته گھڻائي دفعا اهو به ڏٺو آهي ته جيڪڏهن ڪو 100 سالن جو ماڻهو يا وري 10 ـ 11 سالن جي عمر جو ٻار اها پڇڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ته سڀئي ڄڻا ان کي ڪافي همٿائيندا آهن. ۽ جيڪڏهن ڪو گھٽ درجي جو ماڻهو پڇندو آهي ته ان جي به ڪوڙ ساري واکاڻ ڪئي ويندي آهي. تعريف ڪرڻ لاءِ "واهه! واهه!" جي لفظن جو استعمال ڪيو ويندو آهي هاڻي ڏسو نه اهي سڀ شيون ڪتاب پڙهڻ، ڪيسٽ ٻڌڻ يا وڊيو ڏسڻ ۾ ڪٿي ٿيون شامل ٿي سگھن.

**ٻجھارت هڪ لفظي ڪيڏ:**

ڳجھارت جا گھڻا ئي رُخ آھن، جيڪي مون کي سوچڻ تي مجبور ڪندا آھن تہ ڳجھارت ھڪ لفظي کيڏ آھي. راند وانگر ھن ۾ ھڪ کان وڌيڪ حصي وٺڻ وارا ھوندا آھن. ان ۾ کٽڻ ۽ ھارائڻ جو عمل بہ ھوندو آھي. اتي موجود ماڻھن مان جيڪو ڳجھارت پڇندو آھي، اھو سوڀارو ھوندو آھي. پر جيڪڏھن ڪوبہ ڳجھارت جو حل نہ ڀڃي سگھندو آھي تہ پوءِ ڳجھارت پيش ڪرڻ وارو ئي کَٽي ويندو آھي. پر ڳجھارت ۾ ڪنھن بہ طرح جُوئا نہ ھوندي آھي. اج تائين مون ڪنھن بہ ھنڌ تي ڳجھارت ۾ شرط لڳائڻ جھڙي ڪا ڳالھہ ناھي ٻُڌي. ھي ھڪ بي عيب ۽ تفريح سان جُڙيل راند آھي. ٻين راندين ۾ جسماني ڪسرتون ھونديون آھن، جڏھن تہ ڳجھارت ۾ ذھني مشق ھوندي آھي. ھن ۾ بہ ڏريون ٺاھي راندنٽي کيڏي سگھجي. ھتي ٻڌڻ وارن مان ڪوبہ ڳجھارت پيش ڪري سگھي ٿو ۽ پوءِ باقي سڀ حل ڀڄڻ وارا ئي ھوندا آھن.

ڳجھارت ۾ راند ۽ مقابلي جو جيڪو عنصر آھي، اھو ڳجھارت کي لوڪ ادب جي ٻين صنفن کان مٿانھون درجو ڏياري ٿو. ان ۾ مون کي ڪڏھن بہ ذھني ڪشيدگيءَ جھڙي ڳالھہ نظر نہ آئي آھي، بلڪ ان جي ابتڙ ھن راند مان مزو وٺي سگھجي ٿو. جنھنڪري ڳجھارت کي ٻين صنفن کان وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آھي.

### ڳجھارت ڇا آھي؟

ڳجھارت ھڪ طريقي جي لفظي تخليق آھي. ان ۾ ڳجھارت ٺاھڻ وارو ڪونہ ڪو ڳُجھہ رکندو آھي. اتي موجود ماڻھن مان جي ڪنھن بہ ان ڳُجھي راز کي ڀڃي ورتو تہ سڀئي ڇڙا چوندا آھن: "جھُري پيئي" يا "پڄي پيئي"، ڪٿي ڪٿي "مري ويئي" بہ



چوندا آھن. پر جيڪڏھن ڪوبہ ڳجھارت جو حل نہ ڀڃي سگھندو آھي تہ پوءِ ڳجھارت پيش ڪرڻ وارو ان راز کي کولي سمجھائيندو آھي ۽ اتي سڀني کي اھو حل مِٺو پوندو آھي.

### ڳجھارت لفظ جو اشتقاق:

ڳجھارت لفظ جو اشتقاق ٿيندو "ڳُجھہ + اَرٿ= ڳجھارٿ". ڳجھہ لفظ جي معنيٰ آھي لڪل ۽ اَرٿ جي معنيٰ ٿيندي مطلب. مون اج تائين گھڻو ڪري تہ ڪڇ جي ڪافي ڳوٺن ۾ اٽپڙھيل ڳجھارت جي ڄاڻو ماڻھن کي ڳجھارت لفظ ئي چوندي ٻڌو آھي. ممڪن آھي پھرين ھي لفظ "ڳجھارٿ" ھجي ۽ وقت سان گڏ ھن لفظ جو آخري اکر "ٿ"، "ت" ۾ تبديل ٿي ويو ھجي. ڪڇ جي ڪُجھہ ڳوٺن ۾ مون کي ان جو اُچار "ٻُجھارٿ" بہ ٻڌڻ ۾ آيو ھو. سنڌي ۾ "ٻجھڻ" لفظ جي معنيٰ آھي سڃاڻڻ يا سمجھڻ يا ڀڃي لھڻ. ان نظر سان "ٻجھارٿ" جو مطلب ٿيو "ڪنھن جي معنيٰ کي سڃاڻڻ" يا ڀڄڻ". ڪڇ ۾ مون کي ھن لفظ جا چار اُچار ٻڌڻ ۾ آيا آھن: "ڳجھارت"، "ڳجھارٿ"، "ٻجھارٿ" ۽ "ٻُجھارت". پر لفظ "ڳجھارت" جو استعمال عام طور وڌيڪ ڪيو ويندو آھي. مٿي ڏنل تشريح جي آڌار تي چئي سگھجي ٿو تہ "ڳجھارت" اھا لفظي تخليق آھي، جنھن جو تخليق ڪرڻ وارو ان جي مطلب کي ڳُجھو رکندو آھي، پر حل ڀڄڻ لاءِ ڪجھہ اشارا ضرور ڏيندو آھي.

### ڪجھہ مکيہ اشارا:

هونئن تہ ٻجھارت ۾ استعمال ٿيڻ وارن اشارن جي حد ئي ڪانهي پر پوءِ بہ ڪجھہ اهڙا اهم اشارا آهن. جن جي استعمال سان ٻجھارت جا ڄاڻو يا ڏاها ٻجھارتڪار حل ڳولي ئي وٺندا آهن. هيٺ ڪيترائي اهڙا لفظ ڏنا پيا وڃن.

1. نرنا: نرَنا لفظ جو مطلب آهي ڪنهن مرد جو نالو. ان سنڌي لفظ جو اشتقاق هن ريت آهي.

"نر+نا= نرنا"

"نر" جو مطلب آهي "مرد" ۽ "نا" مان مراد آهي "نانءُ". "نا" لفظ "نانءُ" جو اختصار/مخفف آهي. سنڌي لفظ نانءُ جي معنيٰ آهي 'نالو'. ٿيندو ائين آهي، جو ٻجھارت ۾ ڪنهن بہ مرد جو نالو هوندو آهي، تڏهن ڏاها ڄاڻو مردن جا نالا وٺڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن. جيئن ئي ٻجھارت جي حل ۾ آيل صحيح نالو ڪنهن ورتو تڏهن ٻجھارت "ڀڳل" مڃي ويندي آهي، يعني ان ٻجھارت جو حل ملي ويندو آهي. ٻجھارت پيش ڪرڻ وارو لوڪ داستانن ۽ تاريخي شخصيتن جا مردن جا نالا ٻجھارت ۾ استعمال ڪندو آهي. انهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

اڪبر، احمد، رحيم، رانجهو حضرت علي رضہ، مجنون، راڻو، چنيسر، پنهون، عمر، ٻيجل، ڄام، هَمير، الادين.

2. نارنا: "نارنا" لفظ جو اشتقاق ٿيندو:

"نار + نا = نارنا"

يعني نار = عورت ۽ نا = نانءُ نالو يا مطلب تہ ڪنهن بہ عورت جو نالو. جڏهن بہ ٻجھارت ۾ "نارنا" لفظ جو استعمال ٿيندو آهي تہ اشارو اهو ئي ڏيندا آهن تہ ڪنهن عورت جو نالو آهي. ڪجھہ خاص



تاريخي شخصيتن ۽ لوڪ ادب جي داستانن جي ڪردارن جا نالا هن ريت آهن:

حميد بانو گُلان، سونل، هير، سورٺ، مومل، مارئي، سُهڻي، سيتان، لِيلان، رُڪمڻي.

3. **پَکي**: ڪنهن بہ پکيءَ جو نالو ٿي سگهي ٿو جهڙوڪ سنڌ ۾ ڪچ جي مکيہ پکين جا نالا، جهڙوڪ: طوطو جهرڪي، ڪانءُ، ڪڪڙ، ڪونج، باز، وَهِيَو تاڙو بدڪ، ڪبر، پورلو مور، ڳُگهہ، ٻَگهہ، سِرڻ هنج، هولو تتر، لَيلي، پورو ٻوڙي، (هن پکيءَ لاءِ ائين چيو ويندو آهي تہ بندوق جي گولي بہ هلندي آهر تہ هيءُ نہ پڇندو آهي)، ڊولِيو.

4. **ڪاٺَ جي**: "ڪاٺ جي" جو مطلب آهي ڪاٺ مان ٺهيل شئيءِ ان ۾ مونث لفظ ئي اچي سگهن ٿا. جيئن ڪرسي، ٽپائي، اُکري، پيتي، دري، ڏوئي، وڏِي (ڪٽيل) ٽُڪي، چيري، ڦاڙي (هنن ٺهي لفظن جو مطلب آهي وچان ڪان ڪٽيل)، مڪڙي، ٽُوٽي، ٽنيڙي (ننڍڙو ٽنپ).

5. **ڪاٺَ جو**: هن ۾ ڪاٺ مان ٺهيل مذڪر لفظ اچي وڃن ٿا، ان ڪري اهو مذڪر لفظن جوئي اشارو ٿي سگهن ٿا.

ٿلهو سنهو ڪارپ، ڪڇو پڪو ڏنگو وڏيو ٽُڪيو ڦاڙيو چِيچِيئو ٽانگو ڪٽولو پلنگ، هندورو پينگهو در، ٽنيو ٽُڙ، هر، مَنجو اُکرلو مُهرلو صندل، تختو پاٽِيو.

6. **لوھ جو**: مطلب لوهہ مان ٺهيل ڪا شئيءِ جنهن جو لفظ مذڪر هجي، جيئن:

ڪُلف، چاڪو ڪڙو پلَنگ، (لوهہ جو) ڪُهاڙو ڏاٽو ڪِلو پروڻ،

ٽوپو اُٽلاٽو.

7. **لوھ جي**: لوھ مان ٺهيل شين جا مونث نالا، جيئن:

ڪڙي، ڪنجي سِيخ، ڪُھاڙي، ڪوڏر، پيتي، تِرنڪ، پاٽي، هٿڪڙي، پڪڙ، ڪٽڇي، مُرڪي، در، هَسِلي، نٿ وغيره.

8. **جانور**: سهو بگهڙ، شينهن، واگهه، سيسر، چيتو گدڙ ڪُتو ٻِلو چراغ، گرپر، هاٿِي، پولڙو رِڇ، روجهه (سنڌ ۾ ڪڇ ۾ ملندڙ هرڻ جو هڪ قسم)، واڳون وغيره.

9. **وڻ ٻوٽا**: نم، گيڙ، ڪنٻو ٻير، ڪرڙ جهلي، لاٽو ڦوڳ، آوڙ ٻوڙي، پپر، زيتون، ناريل، درخت، سائو سُڪو نندو وڏو پن، ديال، شيشم.

10. **وکر**: ڳُڙ، کنڊ، تيل، ٿوم، ڦوٽا، وڏف، (سؤنف) جاڻ، سرنهن، ڇانيو سُنڍ، ڦُودنو ڊاک، کجور، بادام، ڪاجو ڪشمش، ٻوهي مُڱ، مُڱ ڦَري، ڪارڪ، ڪارو لُوڻ، گدامڙي، خسخس، پُست، ڏاٽا، جيرو سوپاري.

11. **اکر**: الف، ب، ر، باب، سبق، لِکيو پڙهيو زير، زبر، ۾، ڪاف، ڪاغذ، خط، تعويذ، جملو پاٺ، پيغام.

12. **شهر**: لکپت، ڪيڙ، مڪو مدينو ڪڇ، ڪيچ، قندار، اُجين، دلي، آگرو، هستاناپور، ماڊوي، مدراس، جيسلمير. (ان ۾ دنيا جو ڪو بہ شهر جوڙي سگهجي ٿو.)

13. **جاتي**: سنڌ ۾ ڪڇ ۾ سيئي ذاتيون هڪجهڙيون هونديون آهن، هيءَ ڳالهہ هندن ۽ مسلمانن ٻنهيءَ جي باري ۾ چئي سگهجي ٿي. هونئن تہ ذاتيون تمام گهڻيون آهن، ليڪن هتي ڪجهہ خاص ذاتيون ئي ڏئي



سگهجن ٿيون.

ڪتي (سنڌي لوڪ ادب ۾ ”سسئي“ نالي ڪردار جو خاص مقام آهي. سسئي برهمڻ هئي، پر جنهن ”پيءُ“ ان کي پاليو هو اهو ڌوٻي هو)، ڌوٻي برهمڻ (سنڌي ۾ ٻانڀڻ بہ چيو ويندو آهي)، بلوچ، ٻروچ، چانڊيا، لنڊ، سوڍا، راٺوڙ حجام، ڪراڙ سما، سومرا، مينگهواڙ.

14. **جَرَجو**: سنڌيءَ ۾ پاڻيءَ کي ”جر“ چئبو آهي. ’جر جو‘ مطلب ’پاڻي جو‘. ان جو ڳجهارت ۾ مقصد آهي اهي لفظ، جن جو تعلق پاڻي سان هجي. پر جيئن تہ پاڻي لفظ سان ”جو“ آهي تہ ان ڪري لفظ مذڪر هجڻ گهرجي. جيئن: وهڪرو مينهن، تلاءُ، ڪڙيو (پاڻيءَ جي وهڪري لاءِ ناهيل ننڍڙو رستو)، ڪئنال، موڪ، نار، هُرلو (ڍڳي سان هلائڻ وارو چڪرو جنهن سان پاڻي ڪڍبو آهي)، ٽانڪو حوض پارو.

15. **جرجي**: ’جر جي‘ مطلب پاڻيءَ جي، ان جو مقصد آهي تہ لفظ مؤنث هجڻ گهرجي، جيئن:

نئن، ندي، سُڪي، تري، ڦاٽ، (نديءَ جو وهڪرو پنهنجي رستي تان ٿورو الڳ ٿي وڃڻ تي نديءَ کي ’ڦاٽ‘ چئبو آهي)، وهي، سانداري، پخال، نالي، پکي (سنڌ جا جَل جا پکي).

16. **رَڃ**: (**ٿانوَ**) دلو گهڙو ماٽي، گهُگهي، گهاگهر، لوٽي، حُقو ڪُنو ٽوپي، دِلي، ڪٽورو گلاس، ديگڙو.

17. **جسم جا حصا**: ڪاپار، مٿو نراڙ مغز سر، نڪ، ناسون، اکيون، وات، جڀ، چپ، مُڇ، پير، پِني، ڳرائي، چمڙي، پيٽ، ڪمر.

18. **مال جو:** چوپائي مال سان جڙيل مذڪر لفظ، جيئن:

وِڪيو، ڦِريا، گس، وٿاڻ، داڳ، (جانور کي ڏنل سڃاڻپ لاءِ نشان)، ڏنپ، (جانور جي بيمار ٿيڻ تي ان کي لوهه جي گرم ڪري لڳائي ويندي آهي)، ڪَڳر (سڃاڻپ لاءِ جانور جي ڪن ۾ ڪيل ننڍڙو ڪَٽُ يا سوراخ)، ڪُڙو ( سڃاڻپ لاءِ ٿورڙو ڪن جو حصو ڪٽي ناهيل نشان)، ڪير، گهوڙو، اُٺ، گڙهو، اُٺيو، وينو، توڏو (گوبر)، لِيڙو (ننڍڙو اُٺ)، واڙو، ڀڄ، پيرو (جانورن جي پيرن جا نشان).

19. **مال جي:** چوپايا مؤنث لفظ، جيئن:

گوري (ننڍڙي ڏاچي)، ٻڪري، گابي، وَڇ، مينهن، رِڍ، گهوڙي، اُٺي، ويني، ڪاري، رتي (ڳاڙهي)، هالي (هڪ يا ٻن سڌن سڱن واري مينهن)، ڀلي، ڪُتل، ڍُڪي (ڀيٽ سان مينهن)، سُئا (نئين وياءَل مينهن يا ٻڪري).

20. **هٿيار:** ڀالو، ٻرڇي، ترار، بندوق، ڪپ، چاقو، ڇُري، ڪُهاڙي، ڀاڪي، تير، ڪمان، اپرو (جنهن هٿيار جي ڌار نہ رهي هجي)، سَيرو (اڳرو)، تکو، مُڏو، ڀَڳل، ٺُٽل، ڦِٽل، توب، رائفل، گهوٻاٽو، ڏُڪو.

21. **مڃي:** هر قسم جي مڃي هن اچي وڃي ٿي. سنڌ جون ڪجهہ خاص مڇيون هي آهن: پلو، ڪُرڙي، ڪڳو، سٽ ٽي، ڍوبري، سيٽي، جرڪو، سونهري، پاپليٽ، ڪاري.

22. **کاڄ:** سيرو، پُلاهہ، مٺائي، جليبي، پڪوڙا، ماني، روٽي، ڦُلڪو، پيرون، (هڪڙي قسم جو ميوو جيڪو ٻير وانگر گول ۽ ننڍڙو ٿار ۾ ٿيندو آهي)، ٻير، مکڻ، انگور، ڏاڙهون، نارنگي، ليسوڙا، گيدوڙو.

23. **سُٽَ جو:** سُٽ مان ٺهيل ڪابہ شئيءِ، جيڪا مذڪر هجي، جيئن:



ڍيرو، رسو، تنگُ (اُٺ جي پٺ تي سيٽ ٻڌڻ لاءِ هڪڙو بيلٽ) جيڪو سُٽ مان ٺهيل هوندو آهي)، ٽپڙ، ڪيس، غاليچو، ڏورو، ڪچو، ڀڪو.

24. **سُٽ جي:** سُٽ مان ٺهيل شيون، جيڪي مونث هجن، جيئن:

مُهار، ڍيري، ڪوڪڙي، رسي، ڏوري، تاڃي، ڪٽي، لوئي، ڳاني، واڳ، نواڙ، نراس، شال/لوئي وغيره.

25. **ڪپڙي جو:** ڪپڙي مان ٺهيل ڪنهن بہ شيءِ جو مذڪر نالو جيئن:

ڪوٽ، چولو، پٽڪو، هِرڪُ، بافتو، ڪچو، سبيو، گهاگهرو، توال، رومال، ڪنجرو (هڪڙي قسم جو بلائوز جيڪو ڪڇ جي ذاتين جون ڪيتريون عورتون پائينديون آهن)، جاڪيٽ، ڪڙتو، سافو.

26. **ڪپڙي جي:** ڪپڙي مان ٺهيل شين جا مونث نالا، جيئن:

ٽُڪي، ڦاڙي، چُني، چادر، سُٿڻ، سلوار، گنجي، ٿيلهي، ڀيني، تاني/ تاڃي.

27. **ليکو:** ڳڻپ سان لاڳاپيل لفظ، جيئن:

هڪ، ٻہ، ٽي، هزار، لک، نوٽ، حساب.

مٿي ڪجهہ اهم اشارا ڏنا ويا آهن، جيڪي ڳجهارت جي ڳُجهہ کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندا آهن. پر ان جي باوجود ڳجهارت ناهڻ وارا صدين کان نين نين ڳجهارتن کي جنم ڏيندا پيا اچن.

**ڳجهارت جي پيشڪش:**

سنڌ يا ڪڇ ۾ جڏهن ڪو سُگهڙ ماڻهو ايندو آهي، جنهن کي لوڪ ادب جون ڪجهہ صنفون ياد هونديون آهن، پوءِ اهو ضروري ناهي تہ اهي خود جون ٺي ناهيل هجن، تہ پوءِ رات جو ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ

جي گھر ۾ يا اوطاق ۾ ننڍا وڏا سڀ جمع ٿيندا آهن ۽ ان کي گهيرو ڪري سيئي لوڪ ادب جي انيڪ صنفن جو مزو وٺندا آهن. سنڌي لوڪ ادب ۾ ڪافي صنفون آهن. ۽ اهي سڀ صنفون سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين جي سورمن ۽ سورمين جي زندگيءَ جي واقعن جي چوڌاري گهمنديون آهن. جيئن: سسُئي، پنهنجي محبوب پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ ست ڏينهن ڪيئن گذاريندي آهي. ان جي رچنا ۾ سومر ڪان وٺي آچر تائين جو سسُئيءَ جو ذڪر ٿيندو آهي. اهڙيءَ ريت قمري مهيني ڪان وٺي سيني مهينن ۾ ان جي حالت ڪهڙي رهي ان جو ذڪر به ڪيو ويندو آهي. ٻين به ڪيترين صنفن کي پيش ڪيو ويندو آهي.

جيڪڏهن ڪو ٻجھارت جو ڄاڻو اتي ويٺو هوندو آهي ته اهو سيني ڪان اجازت وٺي ٻجھارت پيش ڪندو آهي. ٻجھارت پيش ڪرڻ کي "سوڪڙي" چيو ويندو آهي. اچو ته اوهان جي سامهون هڪ اهڙي ئي سوڪڙي پيش ٿا ڪريون:

"پري رَڇ وَر وَر جا، رات به ٻاريا مون،
الله هن اُپَ جي تي، منهنجو نرنان آڻين تون"

هن ٻجھارت ۾ لفظن جا مليل اشارا:
رڇ: وٽو ڪٽورو
ٻاريا ٻاريا ور ور جا: (تيل جا)
اُپَ: آسمان
نرنا: ڪنهن مرد جو نالو (راڻو)

مطلب "تيل جا وٽا پري رات جو مون ٻاريا، اي الله هن آسمان



(هتي مطلب ڪٽ) تي منهنجي مڙس يا محبوب (جنهن جو نالو خفيه رکيو ويو آهي) کي تون وٺي اچ."

هاڻي سيني جي سامهون ٻجھارت آهي. جيڪڏهن ڪير ٻيهر ٻڌڻ چاهي ته ٻجھارت پيش ڪرڻ وارو خوشيءَ سان ان کي ورجائيندو آهي. هاڻي جن لفظن ۾ ٻجھو مفهوم لڪل آهي، جن کي ٻولڻو آهي، اهي آهن، "رڇ، ور ور جا، اپ جي، نرنا" اتي ويٺل سيئي ماڻهو انهن چئني لفظن مان ٻُجھي لفظ کي کوجڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اهي لفظ، جن جو مطلب سمجھڻو پوندو آهي، انهن لاءِ ٽيڪنيڪي لفظ آهي "پائو" ۽ مطلب اخذ ڪرڻ جي فعل کي چئبو آهي "ڏڪ هڻڻ". هاڻي انهن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندي اچو ته اڳيان وڌون. ان حساب سان ٻجھارت جو پهريون پائو آهي "رڇ". ان جو مطلب آهي ڪو به ٿانءُ جنهن ۾ گيهه، تيل، پاڻي ۽ ٻيو ڪو پاڻياٺ وارو مادو رکي سگهجي. پوءِ ڪو چوندو گهڙو لوٽو گلاس وغيره ائين به ٿي سگهي ٿو ته هڪڙو گهڙو چئي ته ٻيو وري لوٽو چئي اهڙيءَ ريت اتي موجود سيني ماڻهن مان ڪيترائي ٻُجھي معنيٰ کي ٻولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو "وٽو" چوي ٿو ته ائين سمجهو ته ٻجھارت حل ٿي ويئي ۽ سڀ چوندا ته "جهُري پيئي" يا "مري ويئي". پر جيڪڏهن ڪنهن به ٻُجھارت جو حل نه ڪڍيو ته چوندا ته "چڙهي ويئي" يعني ٻجھارت حل ٿئي. بغير ئي رهجي ويئي.

جيڪڏهن ڪنهن ڪارڻ پهرئين پائي کي حل نه ڪيو ويو ته پوءِ ٻيو پائو "ور ور جا" يا ٽيون پائو "اُپ جي" ۽ چوٿون پائو "نرنا" کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ جيستائين حل نه ٻولبو

ويندو، تيستائين ڪوشش جاري رهندي. جيڪڏهن ڪنهن به وقت ڳُجهي مفهوم کي ڪنهن ڳولي لڌو ته سڀ ماڻهو "واهه واهه"، "جهُري ويئي" يا وري "مري ويئي" چوندا آهن. ان کان پوءِ ڳجهارت پيش ڪرڻ وارو ڳجهارت ۾ لڪل لفظن جي معنيٰ ٻڌائيندو آهي ۽ پوري ڳجهارت جي مطلب تي وسعت سان روشني وجهندو آهي. اچو ته ڏسون ڳجهارت ڏيڻ وارو ڪيئن ڳجهارت جو مطلب ٻڌائيندو آهي.

"پري رَڃ وَر وَر جا، رات ٻه ٻاريا مون
الله هن اُپَ جي تي، منهنجو نرنان آڻين تون"

هيءَ ڳجهارت سنڌ جي ڪافي مشهور لوڪ ڪهاڻي "مومل راڻي" تي ٺهيل آهي. جڏهن مومل کان راڻو رُسي هليو ٿو وڃي، تڏهن هوءَ چوي ٿي ته هن سڄي رات تيل جا وٽا ٻاريا آهن. الله ڪري ته راڻو ان جي ڪٽ تي واپس اچي وڃي.

هاڻي ڏسو ته هن ڳجهارت کي حل ڪيو ويو آهي. "رڃ" ٿيو تيل، (جو وٽو) "اُپ" ٿيو ڪٽ (آسمان ۾ تارن جي جهنڊ جي اهڙي هڪ بناوت هوندي آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ ڪٽ چوندا آهن) ۽ نرنان ٿيو راڻو.

هاڻي اوهان کي مٿين "پائن" (پاون) ۾ رکيل ڳجها مطلب سمجهه ۾ اچي ويا هوندا ۽ هاڻي پوري ڳجهارت جو مطلب ٿيو:

مومل چوي ٿي ته مون تيل جا وٽا سڄي رات ٻاريا. الله منهنجي ڪٽ تي راڻي کي وٺي اچي."

ڪجهه ٻيا مثال ڏسو:

"جر مِٽيءَ جون جن لڳيون،
ڪاٺ مال جا سي ڪنديون"

لفظن جا اشارا:



جر: نئيون، (مينهن ۾ وهڻ واري نديءَ کي 'نئن' چوندا آهن ۽ 'نئيون' ان جو جمع آهي). مٽيءَ جو: مٽيءَ مان ٺهيل دِلي، مٽڪا وغيره 'دلڙيون' ان جو سهڻو انداز (Endearing Form) آهي، پيار ڏيکارڻ جو طريقو آهي.

ڪاٺ جا: ٻنيءَ ۾ هلائڻ وارو هر.

مال جا ڦيرا: جڏهن فصل تيار ٿيندو آهي ته پوءِ ان مان اناج جا ٻج ڪڍڻ لاءِ ڍڳا ان تي هلندا آهن يا چڪر لڳائيندا آهن.

هاڻي ڳجهارت جو مطلب ٿيو:

"نيون دليون جن سان لڳيون هر هر ڦيرا چو نه ڪنديون. مطلب جنهن کي نئون نئون عشق ٿيو آهي، اهو بار بار چڪر چونه لڳائيندو".

هڪ ٻي ڳجهارت:

"نرنا کي جڏهن کپڙ لڳو
مِرون هٽي، عورت ڪٽي
هو ناٽي جيئن ويو"

لفظن جا اشارا:

نرنا = راوڻ
کپڙ جو = موقعو
مِرون هٽي = جهٽ هٽي
عورت = سيتا

ناٽي جيئن ويو = پيسي جيئن ويو = (ڳوٺن ۾ ائين مجيو ويندو

آهي تہ پئسو ڪنهن وٽ بہ ڪونہ رهندو آهي ۽ پڇي ٻئي وٽ هليو ويندو آهي).

هاڻي سيني اشارن کي سمجهڻ کان پوءِ ڳجهارت جو مطلب ٿيو:

"راوڻ کي جڏهن موقعو مليو تہ هو جهٽ ۾ سيتا کي پڇائي وٺي ويو."

**ڳجهارت ۽ پرولي:**

سنڌيءَ ۾ پرولي بہ هوندي آهي، 'جنهن کي انگريزيءَ ۾ Riddle چوندا آهن. ڪيترن ڪتابن ۾ مون ڏٺو آهي تہ ڳجهارت ۽ پروليءَ کي هڪ ئي ڪري ٻڌايو ويو آهي، پر حقيقت ائين نہ آهي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ اسان 6/7 سالن جا هئا سين' تڏهن سنڌ ۾ سخت گرميءَ جي موسم ۾ رات جو ڇت تي سمهندا هئا سين. تڏهن ناقابلِ برداشت گرميءَ کان پنهنجو ڌيان هٽائڻ لاءِ هڪٻئي کي پروليون ڏيندا هئا سين. ان مان ڪجهہ مون کي اڄ بہ چڱيءَ طرح سان ياد آهن.

هڪڙي پرولي آهي:

"اٺ ڪاٺ، نائين نوڙي
جيڪو نہ سلي تنهن جي آکهہ نوڙهي"

لفظن جو مطلب اَٺ: اَٺن جو عدد

ڪاٺ= ڪاٺي = (ڪاٺيون)

نائين : نَوَن جو عدد

نوڙي: رسي

آخري سٽ جو مطلب آهي، جيڪو حل نہ ڳوليندو، ان جو



سڄو خاندان گنجو ٿي ويندو.

مٿي ڏنل پروليءَ جو جواب آهي "کٽ"، ڇا جي ڪري جو ان ۾ چار ڪاٺ جا پاوا هوندا آهن ۽ چار ڪاٺيون ان جي فريم ۾ لڳنديون آهن. اهي ٿي ويا اَٺ ۽ نائين "نوڙي" يعني رسي (واڻ). جنهن سان کٽ واڻيندا آهن. تہ سڏو سنئون مطلب ٿيو کٽ. مٿي اسان ڏٺو تہ ڪٿي بہ ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ کي ڳُجهو نہ رکيو ويو آهي، پر کٽ جي خاصيتن جي آڌار تي ان جي بناوت بيان ڪئي وئي آهي. هڪڙي مشهور پرولي آهي:

"گهر گهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار"

هر گهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار هوندي آهي. ان جو جواب ٿئي ٿو "باهہ"، ڇو جو باهہ تہ هر گهر ۾ ئي هوندي آهي ۽ ان کي ڳاڙهي ڪنوار چيو ويو آهي، جو باهہ جو رنگ ڳاڙهو هوندو آهي. ۽ ڪنوار جو تصور تہ هميشہ خوبصورتيءَ سان ئي ڳنڍيو ويندو آهي.

هڪ ٻي پرولي آهي:

"گهر گهر ۾ ناچ نچي"

مطلب هر گهر ۾ ناچ ڪري. ان جو جواب آهي "ٻهارو". هتي ٻهاري جي ڳُڻن جي بنياد تي هن پروليءَ کي ٺاهيو ويو آهي. ٻهاريءَ جو خاص گڻ آهي هيٺ مٿي ٿيڻ. جنهن کي هن پروليءَ ۾ نچڻ چيو ويو آهي.

**ڳجهارت ۾ لفظن جو وسيع ذخيرو:**

ڳجهارت جي مشق ڪرڻ کان پوءِ ان ڳالهہ جي خبر پوي ٿي تہ ان ۾ لفظن جو تمام وڏو خزانو آهي. جتي اسان ڏٺو تہ ڪٿي پڪي آهي تہ اتي پڪيءَ جو نالو اچي ٿو. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن مڃي آهي تہ هر

نموني جي مڇيءَ جو نالو اچي ٿو. ساڳيءَ طرح شهرن جي، مردن جي، عورتن جي ۽ ٻين شين جي نالن جي ته ڪا حد ئي ڪانهي . اها ڳالهه عام آهي ته ڳوٺن ۾ ڳجهارت ۾ حصو وٺندڙ گهڻا پڙهيل لکيل نه هوندا آهن، پر انهن جي لفظن جو ذخيرو تمام وسيع هوندو آهي، ۽ جيڪي ڄاڻو هوندا آهن، انهن جي ڳالهه ئي ڇا ڪجي.

**علم جو ذخيرو ڳجهارت:**

ڳجهارت ۾ سنڌي تهذيب جي هر پهلوءَ بابت ڄاڻ موجود هوندي آهي. سنڌ جي تاريخ هجي يا دنيا جي جاگرافي. سموري دنيا جي معلومات ان ۾ هوندي آهي. چوپاين جي باري ۾، پکين جي باري ۾، گُلن ۽ وڻن جي باري ۾، تمام گهڻي معلومات ڳجهارت ۾ ملي ٿي.لوڪ ادب جا جيترا به سورما ۽ سورميون آهن، انهن سان لاڳاپيل هر طرح جي ڄاڻ جو ذڪر ڳجهارت ۾ ٿئي ٿو. ان ڪري سنڌ جي ڳوٺن ۾ رهڻ وارا ڏسڻ ۾ ڀالاڀولا، ميرا گدلا ڪپڙا پاتل، ڪکائن گهرن ۾ رهڻ وارا هوندا آهن، پر انهن جو علم تمام گهڻو آهي.

**معنويات ۽ ڳجهارت:**

**معنويات** (Semantics) ۾ ٻن طريقن جا تصور (Concepts) هوندا آهن. پهريون ساڳيا لفظ (Homonyms) (اهي لفظ جن کي لکيو ۽ اُچاريو هڪجهڙو وڃي، پر انهن جي معنيٰ مختلف هجي) ۽ ٻيو هوندو آهي Polysemy . Homonyms جو مثال هڪڙو لفظ آهي ”ڪافي“. هيءُ لفظ لکڻ ۾ اُچارڻ ۾ ته هڪجهڙو هوندو آهي. پر ٽن مختلف نمونن يعني ٽن ٻولين ۾ جدا جدا معنيٰ سان استعمال ٿيڻ وارو لفظ



آهي. پهريون لفظ عربي ٻولي مان آيو آهي، جيڪو هڪ راڳ جو نالو آهي ”ڪافي“.هي عربي ٻوليءَ جي لفظ ڪافيه مان نڪتو آهي. (Dr. Baloch Sindhi_Sindhi Dictionary P_1982). ٻيو لفظ آهي پيئڻ جي ”ڪافي“ (Cofee) هي لفظ انگريزي ٻوليءَ مان ٿيندو ڀارتي ٻولين ۾ شامل ٿي ويو آهي. ۽ ٽيون لفظ ”ڪافي“ فارسي ٻوليءَ مان آيو آهي، جنهن معنيٰ آهي بس، گهڻو يا Enough (Steingass Persian English Dictionary p_1007). polysemy لاءِ هندي ٻوليءَ جو لفظ ”آڪاشواڻي“ انتهائي خوبصورت مثال آهي. هن لفظ جي اصل معنيٰ ته اڳڪٿي ڪرڻ آهي، پر ڀارت آزاد ٿيڻ کان پوءِ آل انڊيا ريڊيو کي به ”آڪاشواڻي“ چيو ويندو هو. هتي هي ٻئي لفظ ڪو ٻين ٻولين مان مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيڻ وارا هندي ٻوليءَ ۾ شامل نه ٿيا آهن، پر ساڳئي لفظ جي پهرين معنيٰ ۾ هڪ ٻي معنيٰ جوڙي وئي آهي.

**اوڏڪي ٻوليءَ جا لوڪ گيت**

چنل چڄ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
پورهئي خاطر پانهنجي، اُٺن سوارا،
اوڏ به ويچارا، لاڪا! وڃن لڏيو.

هن بيت ۾ شاهه صاحب، اوڏن جي رهڻ سهڻ جي طور طريقي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو ته. اَسُر ويل اٿي، هٿن ۾ چنل چڄ ۽ ڪوڏرون کڻي اوڏ پنهنجو ڪم ڪار شروع ڪندا آهن. شاهه صاحب اوڏ جاتيءَ جو هيءُ بيان (سُر ڏهر) ۾ ڪيو آهي. حقيقت ۾ ان وقت جي ۽ اڄ جي اوڏن ۾ ڪو خاص فرق نه آيو آهي. 1988ع ۾ جڏهن مون انهن

کي ”ڀاٽي مائينس“ ۾ ڳولي لڌو هو، تڏهن انهن مون کي ٻڌايو هو تہ هوُ 3 بجي اَسُر رات جو اٿي ڀرپاسي جي ڪاٽين مان ريتي ڪڍڻ ويندا آهن ۽ ڏينهن جو 11 وڳي تائين موٽي ايندا آهن. اهائي ڳالهہ شاهہ صاحب مٽي چيئي آهي. اڄ بہ اوڏ ڪوڏرن سان مٽي کوٽڻ جو ئي ڪم ڪندا آهن ۽ صبح جو جلدي اٿي پنهنجو ڪم شروع ڪندا آهن. شاهہ صاحب هڪ ٻي ڳالهہ اوڏن لاءِ چئي آهي:

”اڏي اڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون
(شاهہ جو رسالو)
اڏي اڏي اوڏ چڏي ويا پنهنجو ماڳ

شاهہ صاحب انهن کي گهرن تعمير ڪرڻ وارا ٻڌايو آهي، اها ڳالهہ اڄ بہ صحيح آهي، ڇا جي ڪري جو اڄ بہ دهليءَ ۾ ڊِي ڊِي اِي فليٽس ۽ گهرن تعمير ڪرڻ جو ڪم اوڏ ئي ڪندي نظر ايندا آهن. اوڏ پاڻ کي ”سنڌي“ سڏرائيندا آهن ۽ لڳ ڀڳ 30 هزار اوڏ نئي دهليءَ جي الڳ الڳ ڪالونين ۾ گهرن ٺاهڻ جي ڪم ۾ مصروف آهن. سندن سڀ کان وڏي وسندي ”سنجي نگر“ ڀاٽي مائينس ڪاٽين ۾ آهي، جيڪا مهرولي ڪتب مينار کان 16 ڪلوميٽر پري آهي. سنجي نگر کان هرياڻا رياست جي سرحد ويجهو آهي، پر اوڏ پنهنجي هر ڪم لاءِ نئي دهليءَ ئي ويندا آهن. سنجي نگر جي ويجهو ئي دهليءَ جون مشهور ڀاٽي مائينس آهن، جن مان تمام ڏکيائيءَ سان اوڏ بجري ڪڍندا آهن. اوڏ انتهائي محنتي آهن. اهي تمام سگهاري جسم وارا هوندا آهن. سندن مرد ۽ عورتون ڪاٽين ۾ سخت محنت ڪندا آهن. ان ڪم لاءِ وٽن گڏهہ ۽ خچر هوندا آهن. سندن اڪثر اوڏ اڄ بہ ڪکائين



ڇتين وارن گهرن ۾ رهندا آهن. پاڙيءَ جي انهن وٽ ڪافي ڪلت هوندي آهي. هڪ سؤ چورس ڪلوميٽرن ۾ ڦهليل ڀاٽي مائينس (ڪاٽيون) پٽريليون آهن ۽ ٽي سؤ کان وڌيڪ فوٽ هيٺ وڃي انهن مان بجري ڪڍندا آهن. مشڪل حالتن ۾ رهڻ ۽ سخت محنت ڪرڻ سندن زندگيءَ جو اهم حصو بڻجي ويو آهي. مون کي ڪيترائي دفعا لڳندو آهي تہ سنڌ جي مٽيءَ مان ٺهڻ ڪري سنڌو نديءَ جو پاڪ پاڻي پيئڻ ڪري انهن اوڏن ۾ ايڏي قوت اچي ويئي آهي جو هو انهن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لائق آهن. سنڌ لاءِ پيار سندن نس نس ۾ رچيل آهي. سنجي نگر ۾ چئن رستن وارو چوڪ آهي، جنهن جو نالو انهن ”سنڌي چوڪ“ رکيو آهي.

سيپٽمبر 1971ع ۾ منهنجو مامو شري جي . پي واسواڻي ۽ شِري موهن لال واڌواڻي منهنجي دهليءَ ۾ وسندڙ اوڏن کي تلاش ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڀارت ۾ لسانيات جي ماهرن مان آءٌ پهريون عالم آهيان، جنهن کي ڀارت ۾ اوڏن کي ڳولي لهڻ جو شرف حاصل آهي. مون اوڏن جي ٻوليءَ جي باري ۾ ڪافي معلومات گڏ ڪئي آهي ۽ سندن لوڪ گيت بہ گڏ ڪيا آهن. جڏهن آءٌ اتي رهڻ ويس، تڏهن مون کي سندن ويهن (20) شادين ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو. مون ان موقعي جو پورو پورو فائدو ورتو ۽ ڪافي وِهانءَ گيت لکي ورتا (انهن ڏينهن ۾ ٽيپ رڪارڊ موجود نہ هئڻ سبب اهي گيت رڪارڊ ڪرڻ ممڪن ٿي نہ سگهيا، ان جو مون کي افسوس رهندو). منهنجا بہ خاص خابرو (Informants) ڪرشن علواڻي ۽ گورڌن اوڏ، ٻئي تمام پيارا ماڻهو هئا ۽ انهن منهنجي هر طرح جي مدد ان مواد کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪئي. سندن

وڏو سيفل اوڏ بہ تمام سادي طبيعت جو آهي ۽ ان بہ لوڪ گيت گڏ ڪرڻ ۾ منهنجي وڏي مدد ڪئي. ڪجھ لوڪ گيت هتي پيش ڪيا ٿا وڃن:

دوهري گهڙائي ڏي
سيوهڻ جو سونارو
ڇِٽ رکي ڏي پنهنجي دل سان
ٽِڪ رکي ڏي پنهنجي مُلھ سان
آ سنهڙي نہ ڪر ماٽو مارُن سان
تنهنجو ليک لکيو آ، اُن سنهڙي سان
تنهنجو ليک لکيو آ، ان گوپيءَ سان
سُهٽي ماٽو نہ ڪر مارُن سان
سهٽي ماٽو نہ ڪر سانگين سان!
نٿ گهڙائي ڏي سيوهڻ جو سونارو
ڇِٽ رکي ڏي پنهنجي دل سان
ٽِڪ رکي ڏي پنهنجي دل سان
سُهٽي ماٽو نہ ڪر مارُن سان
تنهنجو ليک لکيو آ، ان گوپيءَ سان
او ليلان ماٽو نہ ڪر راجن سان!
او مُنڊي گهڙائي ڏي
سيوهڻ جو سونارو
ڇِٽ رکي ڏي پنهنجي دل سان
ٽِڪ رکي ڏي پنهنجي دل سان



آ سنهڙي ماٽو نہ ڪر مارُن سان!

گيت اڳيان وڌندو رهندو آهي. مٿي ڏنل گيت ۾ ”گوپي“ نالو ورتو ويو آهي. دراصل جنهن گهر ۾ مون اهو گيت لکيو ان وقت خوش قسمتيءَ سان گوپي مون سان گڏ ويٺو هو ۽ ڳائڻ واري ان ڏانهن اشارا بہ ڪري رهي هئي. پر جڏهن اهو لوڪ گيت ٻئي گهر ۾ رڪارڊ ڪيم تہ ”اشوڪ“ نالو ورتو ويو ڇو تہ، ان گهر ۾ گهوٽ جو نالو اشوڪ هو. جيئن ئي گيت ختم ٿيو تيئن ئي ڪرشن اوڏ (جنهن جي پُٽ گوپيءَ جو وِهانءُ هو ) پڇيو ”ڊاڪٽر صاحب! اوهان ”ٽِڪ رکڻ“ ۽ ”ڇِٽ رکڻ“ جو مطلب سمجهيو؟“ مون جواب ڏنو ”اوهان سمجهائيندا تہ وڌيڪ سٺو ٿيندو.“ ان چيو ” ’ٽڪ رکڻ ڏي پنهنجي دل سان‘ سوناري کي چيو پيو وڃي. ان جو مطلب آهي تہ تون منڊيءَ تي ۽ گلي جي هار تي جيڪا ڊِزائين ٺاهين، اها تون پنهنجيءَ دل سان ٺاهجان. پر ان ۾ جيڪو هيرو وجهندين، اهو گهوٽ جي ادا ڪيل قيمت جي بنياد تي وجهجان.“ سندس ان بيان کي ٻڌي، آءٌ دل ئي دل ۾ اوڏن پيٽن جي سوچ جي ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ نہ رهي سگهيس. مٿي ڏنل گيت ۾ سيوهڻ شهر جو نالو اچي ٿو. ٻين لوڪ گيتن ۾ لاڙڪاڻي ۽ دهليءَ جو نالو بہ اچي ٿو. ان تي جڏهن مون اَشوڪ جي نانيءَ کان، جيڪا پاڻ بہ ڳائي رهي هُئي، پڇيو تہ ان چيو تہ هاڻي تہ سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻو سنڌ ۾ رهجي ويا ۽ هاڻي تہ اسين دهليءَ جي سوناري کان ئي سون جا زيور ٺهرائيندا آهيون. ليڪن سنڌ جي شهرن جي نالن جو لوڪ گيتن ۾ هجڻ ان ڳالھ جو ثبوت آهي تہ اوڏ پيٽن سنڌ جي شهرن کي اجاتائين ڪونهي وساريو.

اوڏ جاتيءَ جي باري ۾ سنڌ جي مشهور اسڪالر پيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ لکيو آهي تہ اهي ”دَراوڙ“ آهن. پر مٿي ڏنل لوڪ گيت ۾

سندن ٻولي ٺيٺ سنڌي آهي.

اوڏ جاتيءَ جو هڪ ٻيو وِهانءَ گيت ڏنو:

**"عاجَ جي ٻيڙي دهلن ساڻ ٿي اچي"**

پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
عاج جي ٻيڙي دهلن ساڻ ٿي اچي
اشوڪ گهوٽ ٿو اچي سنهڙيءَ لاءِ ٿو اچي
پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
عاج جي ٻيڙي دهلن ساڻ ٿي اچي

اشوڪ گهوٽ ٿو اچي ونڙيءَ لائي ٿو اچي
پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
عاج جي ٻيڙي دهلن ساڻ ٿي اچي

اشوڪ گهوٽ ٿو اچي پنهنجي ڪنوار لائي ٿو اچي
پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
پڇو پاڙي وارن کان اشوڪ گهوٽ ٿو اچي
عاج جي ٻيڙي دهلن ساڻ ٿي اچي"

پوءِ ان طرح پهرين، ٻي، ٽي، ۽ چوٿين سِٽ ۾ فقط هڪ هڪ



لفظ "سهٽل"، "ونڙيءَ" "ڪنوار" بدلجي ٿو. باقي ٽئي مصرعون هڪجهڙيون رهنديون آهن. اڳيان به گيت ۾ اهو ئي هڪ لفظ "راڻل"، سنهڙي" وغيره سان بدلجندو آهي ۽ پوءِ اهو گيت وڌندو رهندو آهي. ان لوڪ گيت جي سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي ته ان ۾ ذڪر ڪيل ٻيڙي هاٿيءَ جي ڏندن يعني "عاج" جي ٺهيل آهي. ۽ گهوٽ ان ٻيڙي ۾ ويهي اچي ٿو. سنڌءَ ۾ ته هڪڙي ئي ندي هئي سنڌوءَ ندي، ان ڪري هن گيت سان سنڌو ندي به اڻ سِڌي نموني ڳنڍيل آهي. مون کي هاٿيءَ جي ڏندن مان ٺهيل ٻيڙي تمام پياري لڳي ۽ ان ڳالهه جو به احساس ٿيو ته سنڌو نديءَ سان اوڏن جو ڳنڍجڻ ۽ وڇڙڻ سندن لاءِ هڪ دل ڏکوئيندڙ واقعو آهي. جڏهن اهو گيت ختم ٿيو، تڏهن ڪِرشن اوڏ چيو "ڊاڪٽر صاحب، هتي اچي سنڌو نديءَ کان وڇڙڻ اسان لاءِ وڏو المناڪ واقعو آهي، خاص ڪري اسان کي پاڻيءَ جي وڏي پريشاني آهي، اڄ ئي جڏهن اوهان اچي رهيا هئا ته اوهان ڏٺو هوندو ڪيئن 100 ٽانون جي ڊگهي قطار پاڻيءَ جي نَل تي لڳي پئي هئي". اهڙيءَ حالت ۾ سنڌو نديءَ جي ياد فطري ڳالهه آهي.

هن گيت ۾ هڪ ٻي ڳالهه اسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي، جيڪا اها آهي ته سنڌ ۾ هڪ رسم هئي ته جڏهن ڄڃ ڳوٺ ۾ داخل ٿيندي هئي ته تڏهن دُهل وڄائي اڳيان وڌندي هئي. ان جو ئي ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. هاڻي ته ننڍين وڏن شهرن ۾ بينڊ باجن جو رواج پئجي ويو آهي. ٻوليءَ جي لحاظ کان پرکيو وڃي ته هن گيت ۾ نج سنڌيءَ جي دلڪش نمونن جو استعمال ڪيو ويو آهي. اوڏن جي ڪيترن ئي وِهانءَ گيتن ۾ 'ٻانهين' لفظ جو استعمال ٿيندو

آهي. 'ٻانهين' مطلب عاج مان ٺهيل وڏيون وڏيون چوڙيون. جيڪي ڪرائيءَ کان وٺي ٺونٺ تائين ۽ پوءِ ٺونٺ کان وٺي ڪلهي تائين پاتيون وينديون آهن. انهن کي سُهاڳ جي نشاني مڃيو ويندو هو. سنڌ ۾ 1947ع تائين اهي چوڙيون سيئي جاتيون پائينديون هيون. ساڌو هيرانند پنهنجي زال کي عاج جون چوڙيون ڪٽي، سون جون چوڙيون پارائي ان جو رواج ختم ڪيو. ساڌو هيرانند جي ڪوشش سان ئي ڪافي سنڌي هندن هن رسم کي ختم ڪيو. جيتوڻيڪ سنڌي راجپوتن ۽ اوڏن هن رسم کي قائم رکيو پر دليءَ ۾ اچڻ کان پوءِ هن رسم کي ختم ڪيو ويو. ڪرشن اوڏ هڪڙي لوهہ جي پيتي ڏيکاري، جنهن ۾ هُن عاج جون چوڙيون ۽ پُراڻو لباس جهڙوڪ ڪنجري، گهاگهرا ۽ ٻيون شيون سنڀالي رکيون هيون. هاڻي ڪرشن اوڏ جي زال جاٽن جي عورتن وانگر شلوار قميص پائيندي آهي.

ٻوليءَ ۾ ٺيٺ سنڌيءَ جو استعمال ڪيو ويو آهي. هي وِهانءَ جا لوڪ گيت سنڌي جي تهذيب جي اهم رُخن ڏانهن اشارا ڪن ٿا. ائين مڃيو وڃي ٿو تہ وِهانءَ جي وقت گهوٽ کي خاموش رهڻ گهرجي، ان ڪري ان کي رومال ڏنو ويندو آهي ۽ ڪيس چيو ويندو آهي تہ هو ان رومال کي منهن تي رکي چڙي. ان گيت ڳائڻ وقت اشوڪ جيڪو پاڻ گهوٽ هو اتي ويٺو هو ۽ گيت رڪارڊ ڪرڻ جو سڀ ڪم بہ ڪري رهيو هو. گيت ختم ڪرڻ کان پوءِ سندس ماءُ ڏانهنس ڏسي چيو "مان اشوڪ کي ئي ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ هو آهستي ڳالهائي، ڇا جي ڪري، جو اڄ ڪلهہ جا نوجوان سهرو موڙ ٻڌڻ کان پوءِ بہ دوستن يارن سان ڳالهائيندا رهندا آهن، جنهن کي اسين پراڻي دؤر جا ماڻهو سنو نٿا سمجهون."



اڄو تہ هڪ ٻيو گيت ٿا ٻڌون:

شيشي عطر جي ڀري آڻي لايو
لانوڻ وارا گهوٽ ڪنوار
ونڙي تہ راڻل جي مانڊي ۾ نهاري،
ونڙي تہ راڻل جي خوشيءَ ۾ نهاري،
بابو راڻل جو باغ بهار
بابو راڻل جو باغ بهار
ونڙي تہ سهڻل جي مانڊي ۾ نهاري
ونڙي تہ سهڻل جي خوشيءَ ۾ نهاري
بابو سهڻل جو باغ بهار
بابو سهڻل جو باغ بهار
ونڙي تہ اشوڪ جي مانڊي ۾ نهاري
ونڙي تہ اشوڪ جي خوشيءَ ۾ نهاري
بابو اشوڪ جو باغ بهار
بابو اشوڪ جو باغ بهار

ٻوليءَ جي لحاظ سان هونئن تہ هي گيت ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ چيو ويو آهي "لاوڻ" جيڪو اوڏن جي لهجي جو لڳي ٿو. ٺيٺ سنڌي ۾ "لائڻ وارا" ٿيندو آهي، مطلب لڳائڻ وارا.

هيءُ گيت ان وقت جي باري ۾ بيان ڪري ٿو. جڏهن ڄڄ اچي "مانڊي" ۾ ويهندي آهي "مانڊي"، "مانڊو" مطلب مَنڊَپ، جيڪو ڪڪائينءَ ڇت وارو ڇٽني پاسن کان کليل هوندو آهي، جنهن ۾ ڄڄ اچي ويهندي آهي. تڏهن ڪنوار موقعو ڏسي گهوٽ ڏانهن ڏسندي

آهي. ٻيو ان گيت ۾ چيو ويو آهي تہ "بابو راڻل جو باغ بهار" مطلب ان موقعي تي گهوٽ جو پيءُ تمام گهڻو خوش هوندو آهي. اوڏ عورتون ڳائڻ مهل ڪنهن بہ ساز جو استعمال نہ ڪنديون آهن. ٻين وِهانءَ گيتن ۾ سنڌي عورتون ٿالهہ يا ٿالهي وڄائي گيت ڳائينديون آهن، پر اوڏ پيٽيون تہ ٿالهي بہ نہ وڄائينديون آهن. سڌي سنئين آواز ۾ ڳائينديون وينديون آهن، اها اوڏن جي گيتن جي خوبي آهي.

ٿوار:

آءٌ پنهنجي مامي شِري جي. پي واسواڻيءَ سندن دوست شِري موهن لال واڌواڻيءَ جو شُڪر گذار آهيان، جن مون کي اوڏن سان ملايو ۽ سنجي نگر وٺي وڃي مون کي اوڏن جي وسندي ڏيکاري. اوڏن جي وڏي سيفل اوڏ ۽ ٻين خابرن (Informants) ڪرشن علواڻي اوڏ ۽ گورڌن اوڏ هنن لوڪ گيتن کي گڏ ڪرڻ ۾ منهنجي هر طرح سان مدد ڪئي، مان دل سان انهن سڀني جو شڪريو ادا ڪريان ٿو.

**حوالي جو ڪتاب:**

ڪلياڻ آڏواڻي، "شاهہ جو رسالو"، هندوستان ڪتاب گهر، بمبئي ڇاپو پهريون، سال 1985ع.



## هڪ سنڌي ڪيمپ جا لوڪ گيت

1948ع ۾ ڀارت جي ورهاڱي ڪان پوءِ ڪافي سنڌي هندو ڀارت آيا ۽ ڀارت سرڪار انهن کي مَڌيہ پرديش، راجستان، گجرات، مهارشٽرا رياستن جي ڪيترن ئي شهرن جي ٻاهر 'سنڌي بستي' جي نالي سان ننڍيون ڪالونيون ٺاهي اُتي رهايو. ٻين ڪيترن ئي رياستن جهڙوڪ: اتر پرديش، تامل ناڊو ۽ ڪرناٽڪ جي وڏن وڏن شهرن ۾ بہ ٿورا ٿورا سنڌي رهائش پذير ٿي ويا. پنجن ڪان ڏهن سالن جي اندر ڪيترائي سنڌي پنهنجن پيرن تي بيهي رهيا. ايندڙ ڏهن سالن ۾ وري گهڻا سنڌي خوشحال ۽ دولتمند ٿي ويا. هاڻي فقط پنج سيڪڙو سنڌي بس ٺيڪ ٺاڪ حالت ۾ آهن. شروعاتي ڏينهن ۾ انهن سنڌي وسندين ۾ پراڻي پيڙهيءَ جي ڪري سنڌي تهذيب جي اوسر ٿي، ليڪن نئين پيڙهيءَ جو گهڻو ڌيان آسپاس جي ماحول ڪان متاثر ٿي اوڏانهن هليو ويو آهي. هاڻي رسمن رواجن ۾ اها سنڌي تهذيب نظر نٿي اچي.

سن 1991ع ۾ مون کي ڀوپال جي ويجهو هڪ وڏي سنڌي ڪالوني "بيراگر" (جنهن کي هاڻي سَنت هردارام نگر چيو ويندو آهي) ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو. هتي مون کي سنڌ ۾ ورهاڱي ڪان پهرين ڳائجندڙ لوڪ گيت رڪارڊ ڪرڻ جو موقعو مليو. جن مان مون کي سنڌ جي خوشبوءِ آئي، ڇا جي ڪري جو هاڻي گهڻو ڪري سنڌي ڪيمپن ۾ وِهانءَ جي وقت ڀڳونتي ناواڻيءَ جا آڊيو ڪيسيٽ ئي ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ۽ وِهانءَ گيتن ڳائڻ جو رواج رسمي رهجي ويو آهي. ايستائين جو اڄڪلهہ جي شاديءَ جي ڪارڊن ۾ بہ هڪڙا اهڙو ڏينهن رکيل هوندو آهي جنهن تي زنانن گيتن (Ladies' Sangeet) جو پروگرام

هوندو آهي. بيرا ڳڙهه ۾ جيڪي چار پيٽون وِهاڻءَ وقت ڳائڻ لاءِ تيار ٿيون انهن جا نالا هن ريت آهن: مکيه ڳائڻ واري شِريمتي ڪوشَلِيا دادلاڻي هئي ۽ باقي ٽي لَهڻي بائي، لالي سَياڻي ۽ راڻي نرياڻي هيون. انهن ۾ راڻي نرياڻي سڀني کان گهٽ عمر جي هئي ۽ هن جو جنم ڀارت ۾ ئي ٿيو هو. مکيه ڳائڻي جيڪا هئي، سا هر لوڪ گيت ۾ پنهنجي طرفان ڪجهه مصرعن جو واڌارو ڪري رهي هئي ته وري ڪٿي ڪٿي هڪ يا چئن لفظن جو اضافو ڪري رهي هئي ۽ وچ وچ ۾ نالا به جوڙي رهي هئي. اها ئي ته حقيقت ۾ سنڌي لوڪ گيتن جي وڏي خوبي آهي. اها خاصيت سنڌي جتن، اوڏن ۽ سنڌي ريبارين جي لوڪ گيتن ۾ تمام گهڻي ملي ٿي.

هتي پيش ڪيل سڀئي لوڪ گيت ٽيپ رڪارڊ مان ئي لکت جي صورت ۾ آندا ويا آهن. مون هتي خاص طور تي هتي اهي ئي گيت چونڊيا آهن، جيڪي ڀارت جي ورهاڱي کان پهرين سنڌي تهذيب جي سُڃاڻپ هوندا هئا. پر اڄ جي دؤر ۾ اهي بي معنيٰ ئي لڳندا. سَسُ ۽ نُهن جي اڻ بڻت ته صدين کان هلندي اچي. پر جن اصطلاحن ان کي پيش ڪيو ويو آهي اهي منفرد آهن. هن گيت کي سوال جواب جي صورت ۾ ڳايو ويو آهي. هڪڙي مائي سَس کان پڇي ٿي ته ”تنهنجي ننيڙي ننهن توکي ڇاٽي چوي؟“ تڏهن سَس چوي ٿي ته ” ان ته منهنجا سنڌ ئي ساڙي ڇڏيا آهن. اها چوي ٿي ته اها ٻُهاري ته ڪڏهن به نه ڏيندي، هي پيو اٿئي تنهنجو ڪچرو.“ پوءِ ٻيهر ان کان پڇيو وڃي ته ”تنهنجي ننيڙي ننهن توکي ڇاٽي چوي؟“ نه سَس جواب ڏي ٿي، اها چوي ٿي ته تنهنجو پاٽي ته مان ڪڏهن به ڀري نه ايندس. تون پنهنجو



مٽ ٽوڙي ڇڏ“. سَس جو جواب آهي ته”ڪاڏو ته آءٌ ڪڏهن به نه پڇائيندس، تون هاڻي پيٺ کي پٽي ٻڌي ڇڏ.“ ان کان پوءِ سَس جواب ٿي ٻڌائي ته هوءَ چوي ٿي ته تنهنجن وارن ۾ تيل وجهي ڪڏهن به ڦڻي نه ڏيندس، سنو آهي تون گنجي ٿي وڃ.“ هوءَ چوي ٿي ته سرمو ته توکي آءٌ ڪڏهن به نه ڏيندس، بهتر آهي ته تون انڌي ٿي وڃ. ”اها چوي ٿي ته ڏندڻ ته توکي ڪڏهن به نه ڏيندس، سنو آهي ته تون پنهنجا ڏند ڪيڏائي ڇڏ ۽ ٿي گهم.“ ”اها چوي ٿي ته مان پيڪن ۾ هلي ويندس ۽ تنهنجو پُٽ پاڻهي ئي پنڌ ڪري ايندو.“ هن سنڌي گيت ۾ تمام گهڻو ورجاءُ آهي، جنهن کي مٿي نه ٿو ڏئي سگهجي.

هاڻي ڏسو هي لاثاني سنڌي گيت:

”پلا سَس! ڇاٽي چويئي ننهن ننيڙي؟
منهنجا ته ساڙي ڇڏيا اٿائين سَنڌ، ڙي!
”پلا سَس! ڇاٽي چويئي ننهن ننيڙي؟
”ٻهاري تنهنجي مُور نه پائينديس
اِهو پيو اٿئي گندُ ڙي
منهنجا ته ساڙي ڇڏيا اٿائين سنڌ، ڙي“!
”شال سڙي ويندا تنهنجا سنڌ، ڙي
پلا سس! ڇا ٿي چويئي ننهن ننيڙي؟
”پاٽي تنهنجو ڪينَ ڀريندس
گهڙو گهڙي تي پيچ ڙي
منهنجا ته ساڙي ڇڏيا اٿائين سَنڌ، ڙي
پلا سَس! ڇاٽي چويئي ننهن ننيڙي؟

”روٺي تہ منهنجي مُور پڇا.يندِيس
پيٽ کي تون ٻڌ کٽي پٽڙي“
منهنجا تہ سازي ڇڏيا اٿائين سَنڌ. ڙي!
”شال سڙي ويندا تنهنجا سنڌ. ڙي
ڀلا سَس! ڇاٿي چوَيئي ننهن ننڍڙي؟
سينڌ تہ تنهنجي مُور نہ ٺاهيندِيس
مٿو ڪوڙائي کٽي ڇڏ ڙي
پوءِ نوڙهي ٿي وجي گهُم ڙي“
منهنجا تہ سازي ڇڏيا اٿائين سَنڌ. ڙي!
شال سڙي ويندا تنهنجا سنڌ. ڙي!
ڀلا سَس! ڇاٿي چوَيئي ننهن ننڍڙي؟
”سرمو تہ توکي مُور نہ پائيندِيس
اکيون ڪڍائي کٽي گهُم ڙي!“
منهنجا تہ سازي ڇڏيا اٿائين سَنڌ. ڙي!
شال سڙي ويندا تنهنجا سنڌ. ڙي!
ڀلا سَس! ڇاٿي چوَيئي ننهن ننڍڙي؟
”ڏندڻ تہ توکي مُور نہ ڏيندِيس
پوءِ ڏند ڪڍائي کٽي ڇڏ ڙي!
پوءِ ڪنڌي ٿي کٽي گهُم، ڙي“
منهنجا تہ سازي ڇڏيا اٿائين سَنڌ. ڙي!
شال سڙي ويندا تنهنجا سنڌ. ڙي!
ڀلا سَس! ڇاٿي چوَيئي ننهن ننڍڙي؟



زور تہ توکي مُور نہ ڏيندِيس
ٽنگ ڪپائي کٽي گهُم ڙي!
او مَنڊي ٿي کٽي گهُم ڙي!
منهنجا تہ سازي ڇڏيا اٿائين سنڌ. ڙي!
شال سڙي ويندا تنهنجا سنڌ. ڙي!
ڀلا سس! ڇا ٿي چوَيئي ننهن ننڍڙي؟
پيڪي جوهلي ويندِيسانءِ مُور نہ ايندِيسانءِ
اِهو پُٽ اڇئي ٿو پنڌ. ڙي“!
منهنجا تہ سازي ڇڏيا اٿائين سنڌ.ڙي!
شال سڙي ويندا تنهنجا سنڌ. ڙي!
ڀلا سس! ڇا ٿي چوَيئي ننهن ننڍڙي؟“

هن لوڪ گيت ۾ ٽي عورتون ملي سوال پڇنديون آهن، ”ڀلا سس! ڇا ٿي چوَيئي ننهن ننڍڙي؟“ شريمتي دادلاٽيءَ ٻڌايو تہ وِهانءَ جي مهل سسون ۽ ننهون پنهنجي دل جا سور کلي عام بيان ڪنديون هيون ۽ اڪثر ائين چئي ڳائينديون هيون. هُن ڪنهن جي وِهانءَ تي اهو لوڪ گيت ٻڌو هو. هوءَ پنهنجي طرفان بہ ان گيت ۾ الاهي ڪجهہ جوڙيندي رهي هئي. سيني جو چورڻ تہ وِهانءَ جي وقت هر ڳالهہ کي مذاق طور لکيو آهي. سسون ۽ ننهون ڪڏهن بہ انهن ڳالهين تي رُسنديون نہ آهن ۽ سڀ ڪجهہ کل ڀوڳ ۾ ٽاري ڇڏينديون آهن. مون کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ ان طرح جا گيت گهڻو ڪري نُنهون ئي ڳائينديون هيون. سسون ڪونہ ڳائينديون هيون. ان جو وڏو سبب اهو

هو. جو ان دور ۾ ننهن تي هر طرح جي سختي ۽ بندش هئي. وِهانءَ جي وقت انهن کي پنهنجا ڏک سور اورڻ جو سٺو موقعو ملندو هو بلڪ مون کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ اها حقيقت ۾ سس لاءِ تنبيهہ هوندي هئي، جنهن جو ٿورو گهڻو اثر سس تي ٿيندو هو. هڪ ٻيو گيت انتهائي سندر آهي، ان کي گهڻو ڪري سس ئي ڳائيندي آهي:

”ڏس ناٺ نندين جا،
وڏيون وبهي ڳالهائين
گهر جي لاهي چاڙهي،
پيڪن کي ٻڌائين
ڏس ناٺ نندين جا!
اچن پائر پيڪن مان
خوشيءِ سان ڪارائين
ڏس ناٺ نندين جا!
گهر جي لاهي چاڙهي
پيڪن کي ٻڌائين!
اچي ٽٽان گهوٽ سان
تہ جهيڙا پيون مچائين
ڏس ناٺ نندين جا!
گهر جي لاهي چاڙهي
پيڪن کي ٻڌائين“!



مطلب سَس چوي ٿي تہ اڄڪلهہ جي نُنهن کي ڪير ڏسي تہ ڪيئن گهر تہ جون ڳالهيون پيڪن کي ٻڌائين ٿيون. انهن جا پائر اچن ٿا تہ خوشيءَ سان انهن کي ماني پچائي کارائين ٿيون، انهن آڏر پاءُ ڪن ٿيون. (سنڌ ۾ پاءُ ۽ ٻيا پيڪن وارا پيڻ جي گهر ۾ پاڻي بہ نہ پيئندا هئا). پر جڏهن ٽِٽان پنهنجي مڙس سان پيڪن ۾ اچي ٿي تہ هي اڄڪلهہ جون نُنهون انهن سان وڙهن ٿيون ۽ انهن کي ست سُريون ٻڌائين ٿيون. گيت جي وچ وچ ۾ ڪيترائي ڀيرا ”گهر جون ڳالهيون پيڪن کي ٻڌائين“ اچي ٿو. هڪ ٻيو سنڌي لوڪ گيت ڏسو:

”ڙي منهنجي گهر جي مڇي
ٽِٽان سدوريءَ پيءَ سان سِليو
هيڙي نُنهن نہ ڏار
ڙي منهنجي گهر جي مڇي
تنهن ڪان پوءِ ٻوڙي مار!
ڙي منهنجي گهر جي مڇي
سهري سدوري جو ئي سان سِليو
هيڙي نُنهن نہ ڏار!
ڙي منهنجي گهر جي مڇي
تنهن ڪان ٻوڙي مار
ڙي منهنجي گهر جي مڇي
ماءُ سدوريءَ پٽ سان سِليو
پٽ هيڙي سال نہ ڏار!
ڙي منهنجي گهر جي مڇي

تنهن کان ٻوڙي ماڙ
ڙي منهنجي گهر جي مڇي
آءُ چو ٻوڙيان ڏيءَ پرائي
جنهن جا پيڪا پار
ڙي منهنجي گهر جي مڇي
جنهن کي پائر چار
ڙي منهنجي گهر جي مڇي
اول ٻوڙيان ٻڏڙو ٻيڙي
پوءِ ٻوڙيندس پيڻ پاڄائي
تنهن پوءِ ڪنوار
ڙي منهنجي گهر جي مڇي“!

متي ڏنل گيت ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن سَس ننهن جي نفرت هڪبئي لاءِ ايتري تہ وڌي وڃي ٿي جو سَس پنهنجي پٽ کي چوي ٿي تہ هو پنهنجي ڪنوار کي نديءَ ۾ ٻوڙي ماري ڇڏي جيئن تہ عام ڳالهہ آهي، هتي بہ شڪايت پهرين ٽڻان کان ئي شروع ٿئي ٿي. پر هن گيت جي سونهن ان ۾ آهي تہ مڙس پنهنجي زال جو ئي پاسو ڪٽي ٿو ۽ چوي ٿو تہ سيني کان پهرين پوڙهي کي، جنهن مان مراد ان جا ماءُ پيءُ آهن، پوءِ پيڻ کي ۽ پوءِ پاڄائيءَ کي ۽ آخر ۾ پنهنجي زال کي ٻوڙيندو.

هڪ ٻيو لوڪ گيت خانداني جهڳڙن تي تمام سٺو لکيو ويو آهي. ان جي خاصيت اها آهي تہ ان ۾ لوٽي کي ملڪيت جي علامت طور ظاهر ڪيو ويو آهي. جنهن تي خاندان جو هر ڀاتي پنهنجو حق جتائي ٿو:



”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو
بابا چوي منهنجو ٽامي جو لوٽو
”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو
امان چوي منهنجو ٽامي جو لوٽو
”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو!
سيني لاتو جهيڙو ٽامي جو لوٽو
”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو!
ڀاءُ چوي منهنجو ٽامي جو لوٽو
”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو
ڀاڀي چوي منهنجو ٽامي جو لوٽو
”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو!
لوٽو لوٽو منهنجو ٽامي جو لوٽو
”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو!
ٻنهي لاتو جهيڙو، ٽامي جو لوٽو
”لوٽو لوٽو ٽامي جو لوٽو“!

ان طريقي سان گيت هلندو رهندو آهي. چاچي چاچيءَ، ڀائيٽي ڀائيٽيءَ ايتروئي نہ، هن گيت ۾ تہ گهر جي ملڪيت ۾ مامي ماميءَ، ماسڙ ماسيءَ کي بہ گهليو ويو آهي. سؤٽن جو جائيداد تي جهڳڙو تہ مهاڀارت جي دؤر کان هلندو اچي. هاڻي اڄڪلهہ جي دؤر ۾ ڀاءُ ڀاءُ جو ملڪيت تي جهيڙو تہ بلڪل عام ڳالهہ ٿي وئي آهي. هن لوڪ گيت ۾ ٽامي جي لوٽي کي جنهن نموني مال ملڪيت جي علامت ٺاهيو ويو آهي، ان لاءِ هن گيت جي ٺاهڻ واري جي تخيل جي واکاڻ ڪرڻي پوندي.

هڪ ٻيو ڪافي خوبصورت گيت مون کي هن ڪيمپ ۾ ٻڌايو ويو. جنهن جو تعلق وِهانءَ سان ته نٿو جُڙي پر لَهڻي بچاڻيءَ مون کي ٻڌايو ته هي گيت به شادين ۾ تمام گهڻو ڳايو ويندو آهي. ۽ خاص طور ڪنوار کي ان جي ذريعي تاڪيد ڪئي ويندي آهي ته هوءَ ساهُرن ۾ وڃي وڏيون خواهشون نه ڪري ۽ نه ئي ڪي هوائي قلعا تعمير ڪري. ايترو ئي نه لهڻي بچاڻيءَ اهو به چيو ته ان گيت ٻڌڻ کان پوءِ ڪنوار جون سرتيون ان کي چونديون هيون ته هاڻي هوءَ ساهُرن متعلق حسين خواب ڏسڻ ڇڏي ڏئي.

ٻڌو هي گيت:

”شابي گيهه جو گهڙو!
مون کي مزوري ته ملندي آنا ٻه چار
شابي گيهه جو گهڙو!
مون کي مزوري ته ملندي آنا ٻه چار
تنهن مان آنن ۾ چوزن جي ٿيندي قطار
شابي، گيهه جو گهڙو!
مون کي مزوري ته ملندي آنا ٻه چار
جنهن مان گانءِ ته وٺندس سهڻي ستار
جنهن مان گابين جي ته ٿيندي قطار
شابي گيهه جو گهڙو
مون کي مزوري ته ملندي آنا ٻه چار
شابي گيهه جو گهڙو“



انهن کي اهو گيت صرف ايترو ئي ياد هو. تڏهن به انهن چيو ته هيءُ گيت پورو ڳايو ويندو هو. مون کي اها آکاڻي ننڍپڻ ۾ ٻڌل لڳي ٿي. جنهن ۾ هڪڙو ماڻهو ٻن چئن آنن جي مزوري ملڻ کان پهرين ئي تصور ۾ ڪڪڙ وٺندو آهي. جنهن مان آنا ملندا اٿس. جن کي وڪڻي هو هڪ ڏڳي وٺندو آهي. پوءِ ڏڳي جي کير مان گيهه ٺاهي وڪڻندو آهي ۽ خيالن ئي خيالن ۾ دولتمند ٿي ويندو آهي. هو شادي به ڪندو آهي ۽ ان کي ٻار به ٿيندا آهن. ايتري ۾ ان جي پير کي ٺُڏو لڳندو آهي ته هو ڪِري پوندو آهي ۽ تصور جو سلسلو ٽٽي پوندو آهي.

هڪ ٻيو لوڪ گيت جيڪو مون کي تمام سٺو لڳندو آهي. منهنجي خيال ۾ ان جو وِهانءَ سان ته ڪو به تعلق نه آهي. پر سيني ڳائيٽين چيو ته اُن گيت کي به وهانءِ وقت ڳايو ويندو آهي. ان ڪري ان کي به هتي پيش ڪيو پيو وڃي:

”سيرم سيرو، ڪوسو سيرو
واهه جو سيرو، سيرم سيرو
ڪاجُن پيل، ڪنڊ پيل
باداميون پيل، ڦوٽن پيل
سچي گيهه جو واهه جو سيرو
سيرم سيرو، ڪوسو سيرو!
پائر ڪائين، پاپيون ڪائين
سچي گيهه جو واهه جو سيرو
سيرم سيرو، ڪوسو سيرو!
نائي ڪائي نياڻيون ڪائين

سچي گيھ جو واھ جو سيرو
سيرم سيرو ڪوسو سيرو“!

هن گيت ۾ گيھ مان هڪ خاص نموني جي ٿهيل سيري جوڏ ڪر آهي، جيڪو ڪاجوءُ بادام وغيره وجهي ٺاهيو ويندو آهي. هن گيت ۾ ٻڌايو پيو وڃي تہ هن سچي گيھ مان ٺهيل سيري ڪي ساهُرا، ڀائر ڀاڄايون ۽ ناٺي، نياڻيون ڪائيندييون. ان ڪان پوءِ بہ ڪيترن ئي سڳن مائٽن جا نالا وٺي، هن گيت کي اڳيان وڌايو ويندو آهي. اڳيان جون ڪجھ سٽون نهايت معنيٰ خيز آهن.

”ڏالڏا گيھ جو واھ جو سيرو
ڪير ڪائي ڪوسو سيرو
ڀاڙي وارا، ڀاڙي واريون
سيرم سيرو ڪوسو سيرو
ڏالڏا گيھ جو واھ جو سيرو!
سيرم سيرو ڪوسو سيرو
ڪير ڪائي؟ ڪوسو سيرو
ناري ڪائي ڏالڏا گيھ جو
واھ جو سيرو واھ جو سيرو
سيرم سيرو ڪوسو سيرو!
واھ جو سيرو سيرم سيرو“
(ناري: هڪڙي ڀائيءَ جو نالو)



ناري لڇواڻي، دراصل ان وقت اسان سان گڏ ويٺو هو ۽ ان ڪري ڳائڻ وارا بار بار ان جو نالو وٺي رهيا هئا. ان گيت جو ڪجھ ٻيون مصرعون هن ريت آهن:

”هٿ ڇٽيو آڱريون ڇٽيو
پليٽ ڇٽيو ٿالهيون ڇٽيو
سيرم سيرو ڪوسو سيرو
سيرم سيرو ڪوسو سيرو“!

ڳائڻ وارين هن گيت کي اڃا بہ وڌيڪ وڌايو هو انهن ٻيا بہ گهڻا ئي لوڪ گيت ڳاتا. هتي ٿورائي مثال ڏنا ويا آهن. لوڪ گيتن ۾ سماج جي ٻڇڙن دستورن، سس ننهن جي اڻ ٻڻت سان گڏ انهن جي ڏکايل دلين جو حال بہ ڪليءَ دل سان بيان ڪيو ويو آهي. تنهن ڪان سواءِ ان ڳالھ جو ثبوت ملي ٿو تہ وِهانءَ مهل مذاق، ٺٺولي ڪرڻ ۽ ڇُٽڪلن ڇڏڻ جو رواج بہ عام آهي. ان ڪان سواءِ ٻن لوڪ گيتن ذريعي اشارن ۾ سماج جي بدسلوڪيءَ تي بہ گهري چوٽ ڪئي وئي آهي. ”ٽامي جو لوٽو“ ۽ ”ڙي منهنجي گهر جي مڇي“ انهن اشارن جا زبردست مثال آهن.

منهنجي خيال ۾ تہ ڪنهن سنڌي اڪيڊميءَ کي هزارن جي تعداد ۾ ٽڙيل پکڙيل لوڪ گيتن کي سوين سنڌي ڪئمپن مان ڪٺو ڪرڻ جي ڪا رٿا رٿڻ گهرجي. مٿين لوڪ گيتن ۾ ڪجھ ئي ڪلاڪن جي محنت شامل آهي.

ٿورا:

بيرا ڳڙھ جي شري ناري لڇواڻيءَ مٿي ڏنل سيئي لوڪ گيت ڳائڻ وارين سنڌي ڀينرن تائين مون کي پهچايو ۽ شري ڪي . ٽِي

دادلاڻيءَ انهن کي رڪارڊ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. انهن ٻنهي سڄڻن جو دل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو ۽ چئني سنڌي ڀيڻن لَهڻي بچاڻيءَ، ڪوشليا دادلاڻيءَ، ليلا سياڻيءَ ۽ راڻي نرياڻيءَ جو بہ دل جي گهرائين سان شڪريو ادا ڪريان ٿو.



## هوجمالو: هڪ ناچ گيت

هوجمالو هڪ تمام پيارو ناچ گيت آهي، جيڪو سنڌ ۾ خوشيءَ جي هر موقعي تي ڳايو ويندو آهي. ان جي خوبي اها آهي تہ ان کي شهرن، ديهن، ۽ ڳوٺن ۾ ڳايو ويندو آهي. پر ان جي ان کان بہ وڌي خاص ڳالهہ اها آهي تہ ان کي هر مذهب ۽ جاتيءَ جا ماڻهو ڳائيندي نچندا آهن. سنڌي-هندو اُن کي جهولي لال جي پوڄا جي موقعي تي، خاص ڪري جڏهن نئين سال جي موقعي تي جهولي لال جي پوڄا ٿيندي آهي، تڏهن خوب ڌوم ڌام سان ڳائيندا ۽ نچندا آهن. اچو تہ سڀ ڪان پهرين هن ناچ گيت جو مزو وٺون:

”هوجمالو هوجمالو!

جيڪو ڪٿي آيو خير سان
هوجمالو هوجمالو!

او جيڪو لڙي آيو لاڙ مان
هوجمالو هوجمالو!

جنهن کي سوني منڊي چيچ ۾
هوجمالو هوجمالو!

جنهن کي سائو لڪڻ هٿ ۾
هوجمالو هوجمالو!

جنهن جا وار گهنڊيدار ٿئي
هوجمالو هوجمالو!

جنهن جون اکيون رب رکيون ٺئي
هوجمالو هوجمالو!

جنهن جا ڏند دلبند ٺئي
هوجمالو هوجمالو"!

اصل ۾ هن لوڪ گيت جي خوبصورتي ان ۾ ئي آهي تہ هر موقعي جي مناسبت سان ان ۾ مصرعون جوڙيون وينديون آهن. ۽ اهو سدا بهار گيت هر موقعي جي زينت ٿي ويندو آهي، جيئن هيٺيون سٽون ڏسو:

"جنهن جا پير پنج سير ٺئي
هوجمالو هوجمالو"!
جنهن جو پيٽ لمليت ٺئي
هوجمالو هوجمالو"!

يعني هر خوشيءَ جي موقعي تي کل ڀوڳ ڪرڻ بہ خوشيءَ جي اظهار جو هڪ لازمي حصو هوندو آهي.

جناب الهداد ٻوهيي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ڪارج" ۾ ڪجھ وڌيڪ مصرعون بہ جوڙيون آهن:

"جيڪو مور شھ زور لا"
يا
منهنجو جمالو جتن سان"؟

ٿي سگهي ٿو ان کان سواءِ ٻيون ڪي مصرعون بہ ڪنهن



ڪتاب ۾ هجن يا وري ڪٿي سنڌ يا ڀارت ۾ ڳايون وينديون هجن، جيڪي مون کي ٻڌڻ ۾ نہ آيون آهن.

اچو تہ سڀ کان پهرين هوجمالو جي اشتقاق کي ڏسون:

جناب الهداد ٻوهيي پنهنجي ڪتاب ۾ "هوجمالو" جي اشتقاق جي باري ۾ لکيو آهي: "هوجمالو-محنت ڪرڻ وارن جو هڪ گيت آهي هوجمالو گيت جي پهرين ٻولن "هوجمالو" جو اشتقاق ٿيندو: "هيج-ما-لو" جنهن ۾ "هيج لفظ جي معنيٰ خوشي ٿيندي ۽ انهيءَ ريت "هيج مان" جو مطلب ٿيندو واھ واھ خوشيءِ آهي ۽ اسان الاهي خوش آهيون. جڏهن تہ "لو" ڏنڪ جو آواز آهي. جنهن مان هن لوڪ گيت يا لوڪ ناچ جي راڳ جي ادائگيءَ جو اشارو ملي ٿو." (ص106).

هاڻي جيڪڏهن مٿي ڏنل "هوجمالو" جي اشتقاق جي بنياد تي هڪڙي سٽ "هوجمالو جتن سان" جو جائزو وٺنداسين تہ پوءِ "هوجمالو" جي ڏنل اشتقاق کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، ان ڪري صحيح طور هوجمالو جي اشتقاق کي "هو+او" سان ئي سمجهي سگهجي ٿو نہ ڪي "هي+ جمال+او" يا "هيج +م+لو" سان. "هيج" مطلب "خوشي"
سان هن گيت جو هرو ڀرو ڪو بہ تعلق نہ آهي. "هوجمالو" جي اشتقاق کي هيٺينءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو:

"هو+جمال+او= هوجمالو"

هاڻي اچو تہ ٿنهي لفظن جي تفريق ڪريون. سڀ کان پهريون لفظ آهي "هو." ڊاڪٽر بلوچ "جامع سنڌي لُغات" ۾ "هو" جو مطلب ڏنو آهي "اهو ها، آها". سنڌ ۾ صوفي سماج ۾ صوفي سنگيت ۾ "هُو

هُو“ ڇئي ناچ ڪرڻ جو رواج هو. ليڪن هوجمالو گيت جي ”هو“ جو سڌو مطلب ٿيندو ”ها! ها! ها!ها!“ يعني ”آها! آها!“ هيءَ اها معنيٰ آهي، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ ڏني آهي.

هاڻي اچو ته ٻئي حصي ”جمال“ کي ڏسون، جنهن جو مطلب ڊاڪٽر بلوچ ٻڌايو آهي ”جمال= جَمَل (عربي لفظ جمل جو مطلب آهي خوبصورت هجڻ). يعني جمالو جي معنيٰ حُسن، وقار، خوبصورتي، روپ، ديدار. آخري حصي ”او“ جو مطلب جيڪو ڊاڪٽر بلوچ ڏنو آهي، اهو آهي، ”او: اڙي ۽ اي“ يعني سڏ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح يا آواز.

هاڻي مٿي ڏنل ٽنهي لفظن جي مطلب کي ڏسندي، منهنجو جمالو جتن سان“ سٽ جو مطلب ٿيندو ”آها! منهنجو سهڻو ته آهي جتن سان گڏ“. بلوچ صاحب هڪڙو مطلب ديدار به ڏنو آهي. جنهن جي آڌار تي هيٺين مصرع جو مطلب ڏسو.

”هوجمالو هوجمالو“
جيڪو کٽي آيو خير سان
”هوجمالو هوجمالو“

مٿينءَ مصرع جو مطلب ٿيو:

”آها! ديدار ٿيو،

”جيڪو جيت حاصل ڪري خير سان موٽيو“

ٻيءَ سٽ جو مطلب ”جيڪو پرڏيهه مان ڪمائي خير ۽ عافيت سان واپس آيو ٿي سگهي ٿو. يعني سنڌي تهذيب ۾ وِهاڻءَ کان پوءِ



گهوٽ جڏهن گهر واپس ايندو آهي ته ائين مجيو ويندو آهي ته ڄڻ هو جنگ ۾ کٽي آيو آهي. سندس ڪنوار کي گهر آڻڻ هڪ طرح سان ان جو فاتح ٿيڻ سمجهيو ويندو آهي. ان کان پوءِ لوڪ گيت ۾ اڳيان چيو ويو آهي ته:

”جنهن کي سوني منڊي ڇيچ ۾“

مطلب جنهن کي ننڍي آڱر ۾ سوني منڊي پاتل آهي. يعني هوجمالو گيت ڳائي، ان ۾ اهو ٻڌايو ٿو وڃي ته ”پنهنجي ان پياري جي ديدار لاءِ، جيڪو خيريت سان فاتح ٿي موٽيو آهي ۽ جنهن جي ڇيچ ۾ سون جي منڊي پاتل آهي“. هڪڙي ٻي سٽ آهي:

”او جيڪو لڙي آيو لاڙ مان“

ان جو مطلب سمجهڻ لاءِ وري هن گيت جي گهرائيءَ ۾ وڃڻو پوندو. هن سٽ جي باري ۾ جناب ٻوهيو صاحب لکي ٿو ته ”لڙي اچڻ“ جو مطلب آهي ”رستو بدلائي ٻئي پاسي کان ڦري اچڻ“. ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي سنڌي-سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ لکيو آهي. ”لڙڻ= مُڙڻ، پاسو ڪرڻ، لهڻ، سنئين رستي تان مُڙڻ، ڦڙتي ڪاٽڻ“.

منهنجي خيال ۾ ”لڙي آيو“ هن لوڪ گيت ۾ هڪ محاوري طور استعمال ٿيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”مڙي اچڻ، يا ٿي اچڻ“ مطلب ”لاڙ جي طرف کان ٿي اچڻ“ يا ”لاڙ جي طرفان مڙي يا چڪر لڳائي اچڻ“ جنهن کي انگريزيءَ ۾ Via چيو ويندو آهي. اها ته تاريخي سچائي آهي ته اسان جا پرڏيهه ويندڙ واپاري جڏهن سمنڊ جي رستي چين، يورپ وغيره ويندا هئا ته ڪراچي بندرگاهه يا ٻيو ڪو

بندرگاهه سنڌ ۾ نہ هوندو هو ۽ ڪين پرڏيهہ وڃڻ لاءِ ڪڇ جي بندر گاهہ لکپت يا جَکائو وغيره مان ٿي اچڻو وڃڻو پوندو هو ۽ ان جو رستو ڪڇ جي ڪوري ڪريڪ علائقي ڪان ٿيندو سنڌ جي لاڙ علائقي مان ٿي ويندو هو. ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هوندو هو. 1985ع ۾ آءٌ جڏهن شاگردن کي لکپت وٺي ويو هئس تہ تڏهن بہ اتي هڪڙو سنڌي گُردارو هو جتي خوبصورت ڪمرا وغيره ٺهيل هئا. هڪڙو وڏو رڌڻو بہ ٺهيل هو. اتي جي پاڻيءَ ٻڌايو تہ ڪراچي بندرگاهہ ٺهڻ کان پهرين سيئي واپار ڪرڻ وارا سنڌي واپاري پرڏيهہ ۾ لکپت کان ٿيندا ويندا هئا. ان ڪري گيت ۾ چيل ٻول پراڻي دؤر جي ڳالهين کي بہ ثابت ڪن ٿا. ”لڏي آيو لاڙ مان“ سٽ جي وڏي تاريخي اهميت آهي، ان ڪري هن لوڪ گيت جي هيٺين سٽن کي ڀيهر جاچڻ ضروري آهي.

”هوجمالو هوجمالو!

جيڪو ڪٿي آيو خير سان

”هوجمالو هوجمالو!

او جيڪو لڏي آيو لاڙ مان

”هوجمالو هوجمالو!

او جنهن جو جمالو جتن سان

”هوجمالو هوجمالو!

هڪ ڀيرو ”لڏي آيو لاڙ مان “ سٽ مروج ٿي وئي تہ پوءِ ان جو رواج پئجي ويو. پوءِ چاهي ڪو لاڙ مان ٿي اچي يا نہ اچي، ان سٽ کي گيت ۾ ڳايو ضرور ويندو هو. ان ڪري هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ کان پوءِ بہ ان جو استعمال جيئن جو تيئن هلندو اچي. ان



۾ ٻي مصرع ”او جنهن جو جمالو جتن سان“ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ سنڌي وڻجارا پرڏيهہ مان واپسيءَ تي ٻيڙيءَ مان لهي اُٺ تي ويهي ايندا هئا. هيءَ تاريخي حقيقت تي ٻڌل سچائي آهي، تہ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ بہ سنڌ جي اندر اُٺن ذريعي سفر ڪرڻ ۽ مال ڪڻي وڃڻ جو ڪم ڪيو ويندو هو. جنهن ڪري جتن جي اچڻ وڃڻ جي وسيلن ۾ اُٺن جو وڏو ڪردار هو. هاڻ تہ رستا ٺهي ويا آهن. ٽريڪ اچي ويا آهن. پر سنڌ ۾ جڏهن گاڏي ۽ ٽريڪ وغيره هليا تڏهن بہ سفر ڪرڻ ۽ مال کي اُٺن تي کڻي وڃڻ ۽ کڻي اچڻ جي ريت قائم رهي. ان سٽ جي معنيٰ تہ واضح طور چِٽي آهي تہ ان جي زينت تہ جتن سان آهي مطلب ”سنڌي وڻجارو اٺ تي ويهي جتن سان گڏ اچي رهيو آهي ۽ ان وقت سندس سونهن ڏسڻ وٽان آهي“. هتي ”جنهن جو“ وڻجاري ڏانهن اشارو ڪري ٿو. جڏهن گهوٽ وِهانءَ کان پوءِ ڪنوار کي وٺي اُٺ تي ويهي گهر واپس ايندو هو تہ تڏهن اُٺ کي هلائي وٺي اچڻ وارو جت ئي هوندو هو. ان ڪري ”جنهن جو جمالو جتن سان“ سٽ ان لاءِ ڪافي معقول آهي. (اُٺ تي عورت کي وهارڻ لاءِ ٺاهيل جڳهہ ڪجائو. ان نموني ٺهيل هوندو هو. جو ان ۾ عورتون چڱيءَ طرح ويهي سگهنديون هيون).

هوجمالو لوڪ گيت کي جت جي نشاني مڃيو ويندو آهي، ان باري ۾ الهداد ٻوهيو چوي ٿو تہ وِهانءَ کي بہ جيت تصور ڪيو ويندو آهي“.

وِهانءَ جي وقت کل ٻوڳ جو اهم درجو هوندو آهي. ان ڪري هيٺيون مصرعون ان بابت بيان ڪن ٿيون:

”جنهن جو پير پنج سير ٿئي“

۽

"جنهن جو پيٽ لمليٽ ٿئي"!

مٿي ڏنل سٽن مان واضح آهي تہ وِهانءَ مهل ماحول خوشيءَ جو هوندو آهي جنهن ۾ کل مذاق بہ خاص طور ڪئي ويندي آهي. مٿين مصرعن ۾ "خير سان" لفظ بہ تمام با معنيٰ آهن. ڇا جي ڪري جو پراڻي زماني ۾ سفر ڪرڻ دوران ماڻهن کي تمام گهڻيون مشڪلاتون پيش اينديون هيون. مسافرن کي ڪڏهن ننڍين ننڍين ٻيڙين ۾ بہ ويهڻو پوندو هو. انهن کي موجوده دوَر جون سهولتون ميسر نہ هيون ۽ علم جي بہ ايتري روشني نہ هوندي هئي. آمدرفت جا ذريعا ۽ ايس ٽي. ڊي وغيره بہ نہ هئا. خبرون ٻڌڻ لاءِ بہ ڪو وسيلو نہ هوندو هو. جنهن ڪري هڪ پيرو گهر مان نڪرڻ کان پوءِ ڪير زنده واپس ايندو هو تہ ان کي خوش نصيبيءَ جي ڳالهہ سمجهي ويندي هئي. ان ڪري "خير سان" جي معنيٰ عافيت سان واپس اچڻ آهي. ان دوَر جي حالتن کي سمجهڻ کان پوءِ هن لوڪ گيت کي سمجهڻ آسان ٿي ٿو وڃي.

هاڻي اڳيان وڌو:

"جنهن کي سوني منڊي ڇيچ ۾" ۽ "جنهن کي سائو لڪڻ هٿ ۾". هتي سوني منڊي دولت جي نشانيءَ طور استعمال ٿي آهي. ڇا جي ڪري جو جڏهن وڻجارا پرديس مان ڪم ڪري واپس ايندا هئا تہ اهي تمام گهڻي دولت ڪمائي ايندا هئا ۽ سنڌ کي اڇي مالا مال ڪندا هئا. جڏهن تہ "سائو لڪڻ" نشاني آهي "فصلن جي آباديءَ" جي دراصل وڻجارا پر ڏيهہ مان ڪمائي ايندا هئا ۽ پوءِ خاص طور پنهنجي زمينن ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ تمام گهڻو خرچ ڪندا هئا. ان سان بہ سنڌ جي فصلن ۾ ئي اضافو ٿيندو هو. هتي پارٽ ۾ اسان ڏسون



ٿا تہ بمبئيءَ، پوني، اندور وغيره شهرن ۾ سنڌي وڻجارن ڪافي ڪاليج ۽ اسپتالون تعمير ڪرايون آهن.

مٿي هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ ڌيان طلب آهي. هن سنڌي لوڪ گيت ۾ 'ڇيچ ۾ منڊي پائڻ' جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. مون ڪڇ جي ٻني علائقي ۾ خاص ڪري جتن ۽ ٻين جاتين کي ان ئي آڱر ۾ منڊي پائڻ جو رواج ڏٺو آهي. ٿي سگهي ٿو پراڻي دور ۾ منڊي ان ئي آڱر ۾ پائڻ جو رواج هجي.

انهن مصرعن کان پوءِ ٻي مصرع آهي:

"جنهن جا وار گهنڊيدار ٿئي"

۽

"جنهن جون اکيون رب رکيون ٿئي"

مٿي ڏنل پهرين مصرع ۾ مرد جا وار گهنڊيدار ٻڌايا ويا آهن. ممڪن آهي ان وقت گهنڊيدار وارن کي سونهن سمجهيو ويندو هجي. ٻي سٽ ۾ ان جون اکيون خدا کي وڻندڙ مڃيون ويون آهن. اها سٽ مذاق ۾ چيل لڳي ٿي. ٽين سٽ ۾ ڏندن کي دل کي قيد ڪرڻ وارو چيو ويو آهي. مطلب دل کي ڇڪڻ وارو چيو ويو آهي. ان گيت جي باري ۾ اهو چوڻ مبالغو نہ ٿيندو تہ هر خوشيءَ جي موقعي تي ڳائجندڙ هي لوڪ گيت بينظير آهي. ان کي جيڪڏهن پاپ موسيقيءَ تي ڳائجي يا ان کي پنجابيءَ جي ڳائڻي گُرداس جهڙو ڪو انوکو موسيقار ڳائڻو ۽ نچڻ وارو ملي وڃي تہ هي گيت ان کان بہ وڌيڪ پُراثر ٿي ويندو ۽ ممڪن آهي تہ دنيا ۾ ٻين سيني گيتن کان اڳيان نڪري وڃي. ان ۾ مون کي ڪو شڪ ناهي تہ هي گيت ٻوليءَ جون حدون ٽوڙي دنيا جي

هر جوان جي دل جي ڌڙڪن ٿي سگهي ٿو. پنجابيءَ جو ”هي جمالو“ گيت مون ڪيترن ڳائڻن ڪان ٻڌو آهي. ليڪن اهو سنڌي ”هوجمالي“ جيڏو طاقتور نہ آهي. بس هن سدا بهار لوڪ گيت کي جيڪڏهن ضروري آهي تہ فقط هڪڙي گُرو داس جي.

—



## سنڌي لوڪ گيتن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ

لوڪ گيت هميشہ مٽيءَ جي ٻُڻ بنياد مان پيدا ٿيندا آهن. جيئن وڻ ٻوٽا بنا مٽيءَ جي پيدا نٿا ٿي سگهن ۽ نہ ئي انهن جي نشونما ٿي سگهي ٿي، ائين ئي لوڪ گيت بہ مٽيءَ ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن ۽ مٽيءَ ۾ وڌندا ويجهندا آهن. ان ڪري ئي لوڪ گيتن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ لازمي طور هوندي آهي. هتي هڪ ننڍو مثال ڏيڻ اجايو نہ ٿيندو. ريباري پينرن جڏهن هڪڙو پيارو لوڪ گيت ڳايو ”الله منهنجي ٻڪري ڪير ڏُهي ويو“، تڏهن ان حقيقت کي سمجهڻ ۾ دير ئي نہ لڳي تہ ريباري ٻڪريون چاريندڙ آهن، چو جو اهڙا جذبات دل مان تڏهن ئي ڦُٽي نڪرندا آهن، جڏهن ڪو سچو واقعو پيش ايندو آهي. ريباري رڍون ۽ ٻڪريون چارڻ لاءِ مشهور آهن. ڪڇ ۾ ٻني علائقي جهڙا چراگاهہ موجود آهن، جتي چوپايا پلجندا آهن. اتي بيشڪ ڪنهن ريبارڻ جي ٻڪريءَ کي ڏُهي وڃڻ جو واقعو جنم وٺي سگهي ٿو. ان ڪري ريباري پيڻ اهو گيت ڳايو.

ڪجهہ مهينا پهرين مون کي سنڌ جي لوڪ گيتن کي ٻڌڻ جو سٺو اتفاق ٿيو. ٻڌڻ کان پوءِ مون کي ائين لڳو جڻ انهن لوڪ گيتن ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ پريل آهي. ڪجهہ عرصو اڳ سنڌ مان دادي ليلاوتي هر چنداڻي آئي هئي، جيڪا سنڌ سرڪار جي تعليمي اداري سان لاڳاپيل رهي آهي ۽ عورتن کي علم ۽ سکيا ڏيڻ ۾ مصروف رهي آهي. هوءَ ان محڪمي جي وڏي آفيسر رهي آهي. ان خود چيو تہ سندس عهدو اهڙو رهيو آهي، جو ڪيس سنڌ جي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ وڃڻو پوندو هو. ان ڪري هوءَ ڳوٺ جي زندگي ۽ لوڪ ادب کان پوريءَ

طرح واقف آهي. هوءَ پاڻ بہ سٺو ڳائي سگهي ٿي. سندس هڪ ننڍڙو پروگرام پوني ۾ رکيو ويو هو جتي مون کي سندس گيت رڪارڊ ڪرڻ جو تمام سٺو موقعو مليو. هي باب انهن رڪارڊ ڪيل گيتن مان چونڊيل ڪجھ لوڪ گيتن تي مشتمل آهي. سنڌ جي خوشبوءِ سان ڀرپور هيٺ لکيل گيت مون کي ڪافي اثرائتو لڳو:

”ڏڳو پير پيران
واھ واھ ڏڳو پير پيران!
بلي ڏڳو پير پيران!
ڏڳي جو مُلھ هزار
ڏڳو پير پيران!
واھ واھ ڏڳو پير پيران
شابي ڏڳو پير پيران!
هيٺان ڪٽيءَ جي پوڪ
مٿان ساوڻ جا ڏينهن
ڏڳو هر نہ هلي
ڏڳي جو مُلھ هزار
ڏڳو پير پيران!
واھ واھ ڏڳو پير پيران
شابي ڏڳو پير پيران!
ماريو اهڙو مجيري
جيڪو سور ڏئي ويو.



ڏڳو هر نہ هلي
ڇو؟
ڏڳو هر نہ هلي
ڏڳو پير پيران!
هلي هلي جيئن
راڄ راڻو هلي
ڏڳي جو مُلھ هزار
ڏڳو پير پيران
شابي ڏڳو پير پيران
واھ واھ ڏڳو پير پيران!
بلي ڏڳو پير پيران“!

هن سڄي گيت ۾ ڏڳي جي تعريف ڪئي ويئي آهي. ۽ ان ڏڳي جي قيمت هزارين روپيا ٻڌائي ويئي آهي. ان لوڪ گيت ۾ سنڌ جي مٽيءَ جن جهلڪ تہ آهي ئي، پر ان سان گڏو گڏ سنڌ جي فصلن جي اهم هجڻ جو ثبوت بہ ملي ٿو. دادي ليلان هن گيت ڳائڻ کان پهرين ان جو وڏو تعارف ڏنو. سنڌ جي جيون جو سڄو دارو مدار فصلن تي آهي ۽ ان جي روزي روٽيءَ جو فقط هڪڙوئي وسيلو پوکي راهي آهي. فصلن جي پوکيءَ جو دارومدار ڏڳي تي آهي. داديءَ مون کي ٻڌايو تہ جڏهن عورتن جي وچ ۾ اهو گيت ڳايو ويندو آهي، تڏهن ڪيتريون عورتون ڳائيندي ڳائيندي تاڙيون بہ وڄائيندڀون آهن ۽ خوبصورت ناچ بہ ڪنديون آهن. ان ڏينهن پوني ۾ بہ جڏهن داديءَ اهو گيت هارمونيم تي ڳايو تہ بہ ٽي اديبائون پنهنجي پاڻ کي روڪي نہ سگهيون ۽ اٿي تاڙين وڄائڻ سان گڏ ناچ ڪرڻ لڳيون. هن گيت ۾

ساز، آواز ۾ ليءَ جو بي بها حسين سنگم آهي. هن کي ڪو ماهر موسيقار پاپ ميوزڪ تي ڳائي ته اسان جي نئين نسل کي هي گيت تمام ڪشش ڪري سگهي ٿو.تيز موسيقيءَ جا سڀئي گُڻ هن گيت ۾ موجود آهن.

داديءَ هڪ ٻيو گيت "مور ٿو ٽلي" به ڳايو. هن گيت ۾ به پاپ موسيقيءَ جا سڀئي گُڻ موجود آهن.ڪڇ جي ٻني علائقي ۾ هي گيت تمام گهڻو ڳايو ويندو آهي. آڪاشواڻي ريڊيو ڀُڄ تان ڪڇي پروگرام ۾ محمد الياس مُتوي جو ڳايل هي گيت اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اصل ۾ سنڌ ۾ مور ڪافي تعداد ۾ آهن ۽ ان لحاظ کان هن گيت جون جڙون به ٿر ۽ ڪڇ جي مٽيءَ سان ئي جُڙيل آهن:

"مور ٿو ٽلي راڻا
مو ٿو ٽلي!
سو ته مامن جي ڪُلهي
سوته چاچن جي ڪُلهي
اوراڻا راڻا مور ٿو ٽلي راڻا!
گُجر جو مور ٿو ٽلي
مور ٿو ٽلي راڻا
مور ٿو ٽلي راڻا!
دهُري گهڙايم
لک ڏيئي منهنجا راڻا



او راڻا تو مان راڄ ٽيندا
او راڻا تو مان لک ٽيندا
سو ته مامن جي ڪُلهي
سو ته چاچن جي ڪُلهي
او راڻا راڻا مور پيلي ٿو ٽلي!
مور ٿو ٽلي
چوُڙيون گهڙايم
هزار ڏيئي او راڻا
او راڻا منهنجا
او راڻا تو مان راڄ ٽيندا
او راڻا تو مان لک ٽيندا
سو ته مامن جي ڪُلهي
سو ته چاچن جي ڪُلهي
مور ٿو ٽلي راڻا
گُجر جو مور ٿو ٽلي
مور ٿو ٽلي راڻا
مور ٿو ٽلي"!

"مور ٿو ٽلي"-هيءَ ست خوشيءِ جي علامت آهي، ڇا جي ڪري مور هميشه برسات جي رُت ۾ خوش ٿيڻ تي نچندو آهي ۽ مومل جي دل (جنهن هتي "گُجر" چيو ويندو آهي، ڇو ته اها گُجر جاتي جي هئي. مومل ۽ راڻو سنڌي لوڪ ادب ۾ خاص مقام رکن ٿا) به مور وانگر خوش ٿي ويندي آهي.

هڪ ٻيو گيت به سنڌ ۾ خوشيءَ مهل ڳايو ويندو آهي، اهو آهي:

”لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾ آءٌ ڪنيون پئي اچان
پنهنجي لاڏل لاءِ آءٌ نچندي اچان
پنهنجي لاڏل لاءِ آءٌ نچندي اچان!
لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾ آءٌ ڪنيون پئي اچان!
ڳاڙهو جوڙو ٿالهيءَ ۾ آءٌ ڪنيون پئي اچان!
ڳاڙهو جوڙو ٿالهيءَ ۾ آءٌ ڪنيون پئي اچان!
پنهنجي سوڍل لاءِ آءٌ نچندي اچان!
پنهنجي راڻل لاءِ آءٌ نچندي اچان!
مصري ميوا ٿالهيءَ ۾ آءٌ ڪنيون پئي اچان!
پنهنجي لاڏل لاءِ آءٌ نچندي اچان!
پنهنجي لاڏل لاءِ آءٌ نچندي اچان!
پنهنجي سوڍل لاءِ آءٌ نچندي اچان!
پنهنجي سوڍل لاءِ آءٌ نچندي اچان“!

هن لوڪ گيت ۾ لونگ، مصري ۽ سُڪي ميوي ذريعي سنڌ جي خوشحاليءَ جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي. لونگ ۽ ڦوٽا سنڌ ۾ پيدا نه ٿيندا هئا، پر هر خوشيءَ جي موقعي تي انهن جو بي انتها استعمال ٿيندو هو. هي گيت ٻار جي اُپنَيَن سنسڪار جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي. ان سنسڪار تي ٻار کي جيڪو ڪپڙو پارايو ويندو آهي، ان کي بوڇڻي“ چوندا آهن. ان جي سامهين ڪناريءَ تي ڦوٽا لڳايا ويندا آهن. وِهانءَ وقت گهوٽ جي ”بوڇڻي“ تي به ڦوٽن جو تمام گهڻو استعمال ڪيو ويندو آهي. هن گيت ذريعي هڪ ٻي ڳالهه ڏانهن به ڌيان وڃي ٿو.



اها آهي وِهانءَ ۽ اُپنَيَن سنسڪار جي موقعي تي اسان جي هندو ڀينرن جو ناچ ڪرڻ.

سنڌي-هندن ۽ سنڌي-مسلمانن ۾ ڇمڙيءَ جي اڇي رنگ کي حُسن ۽ جمال جي طور ليکيو ويندو آهي.

هيٺ ڏنل لوڪ گيت ۾ ”منبم“ ۽ گورو صاحب“ لفظن جو استعمال ڪري ان ڳالهه کي ثابت ڪيو ويو آهي:

”منهنجي اڇي منبم جهڙي پاولي
او جهڙو گورو صاحب تهڙي پاولي!
پاولي ڙي الا! مون کي مارُن مُڪي!
پگهار منجهان پاولي!
منهنجي اڇي منبم جهڙي پاولي
پاولي ڙي الا! مون کي مارُن مُڪي
پگهار منجهان پاولي!
سوني نٿ گهڙائي ڏيندم اباڻا
تنهن ۾ ٻُڙا وجهائي ڏيندم ڏاڏاڻا
ڏاڏاڻا ڙي ڏاڏاڻا اباڻا ڙي اباڻا
منهنجي اڇي منبم جهڙي پاولي
او جهڙو گورو صاحب تهڙي پاولي!
پاولي ڙي الا! مون کي مارُن مُڪي
منهنجي اڇي منبم جهڙي پاولي“!

’پاڙلي‘ سنڌيءَ ۾ ڇئن آنن جي سِڪي کي چيو ويندو هو، جنهن کي اڄ جي دؤر ۾ 25 پئسن جو سِڪو چوندا آهن. ان سِڪي جو

رنگ چانديءَ جي رنگ جي سِڪي سان ملندڙ جُلندڙ هو. ان ڪري ان پاوليءَ جي پيٽ ڪنوار جي رنگ سان ڪئي ويئي آهي. ان گيت جي خاصيت ان ۾ آهي تہ ان ۾ ”منڊم“ يعني ”گوري ميم“ ۽ ”گوري صاحب“ جي حسن ڪي تمام گھڻي اهميت ڏني وئي آهي. هڪڙيءَ طرح سان سندن اڇي رنگ کي خوبصورتيءَ جي سند مڃيو ويو آهي.

هيٺ هڪ ٻيو گيت ڏنو پيو وڃي جيڪو سنڌي تهذيب سان تمام گھڻو ڳنڍيل آهي:[3]

”هڏڪيءَ مٺان مون کي آئي هڏڪي
مان ٿي پايان منهنجا مارو ايندا
مون کي گھوري ڏسندا
مون کي ڏوري ڏسندا!
مون کي وٺي ويندا!
چانور ڇنڊيندي مون کي آئي هڏڪي
مان ٿي پايان منهنجا مارُو ايندا
مون کي گھوري ڏسندا
مون کي ڏوري ڏسندا
مون کي وٺي ويندا!
هڏڪيءَ مٺان مون کي آئي هڏڪي.“

1. هندو سماج ۾ 16 مذهبي رسمون هونديون آهن. جن کي سنسڪار جي نالي سان ڪوٺيو ويندو آهي. سنسڪار فردن جي ذهني، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني توازن ۽ سُڌاري لاءِ ادا ڪيا ويندا آهن. انهن سورهن سنسڪارن مان اُپنين سنسڪار (Thread Ceremony) 10 نمبر تي آهي، جيڪا فقط ڇوڪرن سان لاڳاپيل آهي. اُن کي يَجنو پَوِيت سنسڪار بہ چيو ويندو آهي. هن پوڄا دوران ماءُ جو پاءُ يعني، جنهن ڇوڪري جو اُپنين سنسڪار ٿي رهيو هوندو آهي ان جو مامو نهايت اهم هوندو آهي جو گھڻي پاڳي رسمون اهوئي ادا ڪندو آهي. هيءَ رسم پنجن کان ستن سالن جي عمر تائين جي ڇوڪرن جي ٿي سگھي ٿي ۽ شاديءَ کان پهرين بہ هن رسم کي ادا ڪري سگھجي ٿو.



اهڙيءَ طرح سيبو ٽوپو پرت پرڻ وقت ۽ ٻين ڪمن ڪرڻ جو ذڪر جوڙي، هن گيت کي تمام گھڻي ڏيگهہ ڏني ويندي آهي. لوڪ گيتن جي وڏي خاصيت هوندي آهي تہ انهن ۾ هڪجهڙي لفظن کي بار بار ورجايو ويندو آهي. هن گيت ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم آهي ”هڏڪي“. سنڌ ۾ ائين مڃيو ويندو آهي تہ جڏهن ڪو پنهنجو ۽ پيارو ياد ڪندو آهي تہ هڏڪي ايندي آهي، هن گيت ۾ ڇوڪري جنهن ڪم ۾ بہ هٿ وجهي ٿي، ان کي هڏڪي ٿئي ٿي. جنهن سان کيس ائين لڳي ٿو تہ سندس پيارا اچڻ وارا آهن.

آخر ۾ دادي ليلا وتيءَ جيڪو گيت ڳايو اهو سنڌ جي عورتن کي سکيا ڏيڻ ۽ انهن ۾ سُجاڳي آڻڻ لاءِ ڳايو ويندو آهي. ان گيت ۾ بہ سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ ملي ٿي:

”ڏي سنڌي عورت ساک سچي
اٿ جاڳ سُجاڳ ڪٽ پاڳ سکي!
ڏي سنڌي عورت ساک سچي!
تنهنجو اصل نسل آهي سنڌ جو
تنهنجو ڄمن مرڻ نيڄڻ سنڌ جو
پوءِ ڇو تہ ڪيين جهالت کي اڃي،
ٻار علم جي لاٽ پڙ تي اڃي،
ڏي سنڌي عورت ساک سچي!
تون سادي سڀاڳي پوري آن،
تون شرم حيا جي پُتلي آن،
ڏي سنڌي عورت ساک سچي!

اٿ جاڳ سجاڳ ڪٽ پاڳ سڪي!
تو جان جفا سان جوان ڪيا
تو هوشوءَ جهڙا هاڪارا،
جن هوڪو حق جو آهہ ڏنو
”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“
اُٿ جاڳ سُجاڳ ڪٽ پاڳ سڪي
ڏي سنڌي عورت ساک سچي!
تنهنجي سورمين جي مان ساک ڏيان
جن پاڙيا پريت جا پيچ پڪا
جن سورن سان آهن سڙ ڪيا
جن عشق جا اوچا ڳاٽ ڪيا
جن ناتو نينهن نڀايو آ
اٿ جاڳ سُجاڳ ڪٽ پاڳ سڪي
ڏي سنڌي عورت ساک سچي!
تنهنجي مارئيءَ جو نہ مثال ملي
سچي جهان ۾ نہ جهڙو جيسُ ملي
جنهن لوئيءَ جي لڄ آهي رکي
جنهن پوتيءَ جي پت آهي رکي
جنهن وطن جي حب جياري آ
اٿ جاڳ سُجاڳ ڪٽ پاڳ سڪي
ڏي سنڌي عورت ساک سچي“!



هن گيت ۾ جيڪو سنڌي عورت جو بيان ڏنو ويو آهي، اهو سنڌ جي مٽي، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي تهذيب سان لاڳاپيل آهي. هن ۾ جتي سنڌ جي عورت جي گڻن جي تعريف ڪئي ويئي آهي تہ اتي ان جي جاهليت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪڇ جي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارن ۾ عورت جي حالت ڪا سٺي ناهي. عورتن کي سکيا ڏيڻ لاءِ هتي بہ اهڙي گيت ڳائي ٻڌائڻ جي ضرورت آهي. هن گيت ۾ سنڌ جي هڪ هيرو جو مشهور قول بہ بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو هن انگريزن سان وڙهڻ مهل ڏنو هو.

”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“!

مطلب ”آءٌ جان بہ نڇارو ڪري ڇڏيندس، پر سنڌ نہ ڏيندس“. هي لفظ وير (بهادر) هوشوءَ انگريزن کي چيا هئا. ڀارت جا گهڻا ئي سنڌي ممڪن آهي تہ هن تاريخي واقعي کان واقف نہ هجن، ليڪن ڪجهہ پڙهيل لکيل ماڻهو ان کان چڱيءَ طرح آگاهہ هوندا. هي سنہ 1843ع جي ڳالهہ آهي.

**ٿورا:**

آءٌ دادي ليلاوتي هرچنداڻيءَ جو تمام گهڻو شڪر گذار آهيان، جنهن حيدرآباد سنڌ مان اچي مون کي اهڙا خوبصورت لوڪ گيت رڪارڊ ڪرڻ جو موقعو ڏنو. آءٌ ريٽا شهاڻيءَ جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن مون کي دادي ليلا وتيءَ جي پروگرام لاءِ دعوت نامو ڏنو ۽ لوڪ گيت رڪارڊ ڪرڻ جو ايترو بهترين موقعو عطا ڪيو.